# تاريخ طاهري

[ ٺٽي شهر جي تاريخ ]

تصنيف

سيد طاهر محمد نسياني ٺٽوي

★

مترجم

نياز همايوني

سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو، سنڌ

# تاريخ طاهري

(ٺٽي شهر جي تاريخ)

# تاريخ طاهري

## (ٺٽي شهر جي تاريخ)


تصنيف:

سيد طاهر محمد نسياني ٺٽوي


١٠٣٠هه مطابق ١٦٢١ع


تصحيح:

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

مترجم:

نياز همايوني



سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو، سنڌ

چاپو پهريون سال ١٩٨٨ع تعداد هڪ هزار
چاپو ٻيو سال ١٩٩٥ع تعـــداد ٻہ هزار

[سنڌي ادبي بورڊ جا سڀ حق واسطا قائم]

قيمت: سؤ رپيا
Price Rs. 100-00

ملڻ جو هنڌ:
سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال،
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد، سنڌ.

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄامشورو، سنڌ ۾، مئنيجر سيد سڪندر علي شاهہ ڇپيو ۽ مراد علي مرزا، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

# فهرست


• تعارف ۱-۳۰

مصنف ۽ سندس ڪتاب بابت ۱-۳

.. جم جو مهاڳ ۴-۹

.. عنف جو مهاڳ ۱۰-۳۸

.. اڳو ڀيڙيون ۲۹-۵۸

سومرن جي باري ۾ اوائلي راوين کان ٻڌل احوال ۲۹-۴۲

انهيءَ واقعي جو نقل، جيڪو اڪبر بادشاهه

جي دربار ۾ پيش ڪيو ويو. ۴۳-۴۴

ان واقعي بابت ٻيو بيان. ۴۵-۴۶

گنگا ڪي پنهنجي مڙس کان ڇڏائڻ لاءِ

عمر سومري جي، اميرن وزيرن جي ڪيڏ. ۴۷-۴۸

سلطان علاؤالدين جو عمر سومري کي

دهليءَ گهرائي قيد ۾ وجهڻ. ۴۸-۴۹

سمن بابت روايت. ۴۹-۵۶

سومرن هٿان ملڪ تباهه ٿيڻ جا ڪارڻ ۽

سمن جي ڏاڪ ڄمائڻ. ۵۶-۵۸

• ڀاڱو ٻيو ۵۹-۷۰

سومرن جي تباهيءَ کان پوءِ جام جي اولاد

سمن هٿان ساموئي نگر جو آباد ٿيڻ. ۵۹-۶۲

دريا خان جو احوال، جيڪو لسڪدير وزير

وتان چام نندي تائين پهتو. ۶۳-۶۵

مدينا ماڇيائيءَ جي اشاري تي شاهه بيگ ارغون جي سنڌ تي ڪاهه ڪرڻ؛ وري سنڌ سمن کي موٽائي ڏيڻ ۽ قنڌار روانو ٿيڻ ٦٥-٦٨

شاهه بيگ جو مرڻ ۽ سمن جو شاهه حسن کان باغي ٿيڻ. ٦٨-٧٠

• ٻاڳو ٽيون ٧١-١٠٣

مرزا شاهه حسن جو احوال، جنهن ٩٢٧ کان ٩٦٢ هه تائين پورا پنجٽيهه ورهيه سنڌ تي حڪومت ڪئي. ٧١-٧٤

ڪنگهار سمي جو شاهه حسن کي جواب موڪلڻ. ٧٤-٧٥

مرزا شاهه حسن جو تولاپرس يعني سوني ماڻهوءَ جي حقيقت کان واقف ٿيڻ، جيڪو لاڪي قلائيءَ جهرڪ جهرڪيءَ جي نالي ٻن چشمن ۾ لڪائي ڇڏيو هو. ٧٥-٨٠

سال ٩٣٣هه ۾ شاهه حسن جو ملتان کي تباهه ڪرڻ ۽ مير شمس جو اتي حاڪم مقرر ٿيڻ. ٨٠-٨١

سال ٩٤٠هه ڌاري همايون بادشاهه جو سنڌ ۾ اچڻ. ٨١-٨٤

ارباب عمر شاهه دائود جو همايون وٽ اچي حاضر ٿيڻ. ٨٤-٨٨

خاڪي ۽ سندس ڀاءُ جي شاهي لشڪر تي چڙهائي. ٨٨-٩٠

بادشاهه جو مرزا شاهه حسن وٽان ٻنهي ڀائرن کي گهرائڻ. ٩٠-٩٣

مرزا شاهه حسن جي حڪم تي دائود ۽ سندس ڀاءُ جو محمود خان ڪوڪلتاش هٿان قتل ٿيڻ. ٩٣-٩٤

چاچڪن جي زميندارن کي شاهي جاگيردارن
جي قتل جو حڪم. ۹۴–۹۶
بادشاهه جو خراسان ڏانهن وڃڻ ۽ مرزا
عيسيٰ ترخان جو سائس سات ڏيڻ. ۹۷–۹۸
ارغونن کان پوءِ ترخانن جي حڪمرانيءَ
جي شروعات ۹۸–۱۰۳

• پاڱو چوٿون ۱۰۴–۲۱۳

مرزا عيسيٰ ترخان جو پيرانتو احوال. ۱۰۴–۱۰۷
مرزا محمد باقي ۽ مرزا محمد صالح جي پاڻ ۾
دشمني پيدا ٿيڻ ۽ وڳوڙ پوڻ ۱۰۷–۱۰۹
مظفر ترخان کان هڪ نقل. ۱۰۹–۱۱۱
مرزا عيسيٰ ترخان جي جيئري سلڪ ۽
ملڪيت جي قبضي تان مرزا باقي ۽ مرزا صالح
جي وچ ۾ جنگ لڳڻ. ۱۱۱–۱۱۷
مرزا عيسيٰ ترخان جو، مرزا باقيءَ کي
بکر مان گهرائڻ. ۱۱۷–۱۱۹
فرنگين جي ٺٽي تي چڙهائي، شهر ساڙڻ
۽ ڦرلٽ مچائڻ. ۱۱۹–۱۲۲
مرزا باقي ۽ ترخان گهراڻي جو تفصيلي احوال. ۱۲۲–۱۲۵
مرزا باقيءَ جو ارغونن کي فريب سان
قتل ڪرائڻ. ۱۲۶–۱۲۸
مرزا باقيءَ جو پنهنجي ماڻهن کي نوازڻ. ۱۲۸–۱۳۱
پيءُ جي ميراث تي جان بابا جو مرزا باقيءَ
سان قبضو ڪرڻ. ۱۳۱–۱۳۴

جان بابا سان گڏ شاهه قاسم ارغون جو راتاهو هڻڻ ۽ مرزا باقيءَ جي گهرواريءَ کي قتل ڪرڻ. ۱۳۴-۱۳۷
مرزا باقيءَ هٿان ڪن بيگناهه بزرگن جو قتل ٿيڻ. ۱۳۷-۱۴۰
خليفي عبدالوهاب جي قتل لاءِ مرزا باقيءَ جو خليل خدمتگار کي موڪلڻ ۱۴۰-۱۴۳
مرزا باقيءَ جي لٽي جي وڏن ماڻهن کي شهر نيڪالي ڏيارڻ ۱۴۳-۱۴۷
نقل ۱۴۷-۱۵۴
مرزا باقيءَ جو پنهنجي نياڻي سنڌي بيگم کي اڪبر بادشاهه ڏانهن موڪلڻ ۱۵۴-۱۵۷
سنڌي بيگم جو اڪبر بادشاهه وٽان واپس اچڻ ۱۵۷-۱۵۹
مرزا باقيءَ جو پنهنجي پٽن کي ملڪ جي مختلف صوبن ڏانهن روانو ڪرڻ ۱۵۹-۱۶۲
مرزا باقيءَ جي آپگهات جو ڪارڻ ۱۶۲-۱۶۶
مرزا باقيءَ جي پٽ مرزا محمد پائنده بيگ ۽ سنڌس پوين جو احوال ۱۶۶-۱۷۰
مرزا جاني بيگ جي پنهنجي چاچي مرزا مظفر ترخان سان جنگ ۱۷۰-۱۷۵
صادق محمد خان جو سنڌ ۾ اچڻ ۽ وري هندستان ڏانهن واپس وڃڻ. ۱۷۵-۱۷۹
مرزا جاني بيگ جو مرزا شاهه رخ کي اڪبر بادشاهه جي دربار ڏانهن آماڻڻ. ۱۷۹-۱۸۲
اڪبر جي گماشتي خانخانان جو سنڌ تي ڪاهڻ ۽ مرزا جاني بيگ کي شڪست ڏيڻ. ۱۸۲-۱۸۷

خان خانان جو سيوهڻ پهچڻ، لکي جبل
وارو گهٽ ڏسي اچرج ۾ پئجي وڃڻ. ١٨٧-١٩٢
خان خانان ۽ مرزا جانيءَ درميان دوبدو جنگ. ١٩٢-١٩٦
مرزا جاني بيگ جو ٻيهر جنگ ۾ ٽپي پوڻ
۽ خان خانان جو ڪيس گهيرو ڪرڻ. ١٩٦-٢٠٢
خان خانان جي پاران مرزا جاني بيگ جي
پاسي صلح جي لاءِ ايلچي موڪلڻ. ٢٠٢-٢٠٤
خان خانان ۽ مرزا جاني بيگ جو پاڻ ۾
صلح ڪرڻ. ٢٠٤-٢٠٩
مرزا جاني بيگ جي خاص ماڻهن جو ٺٽي
روانو ٿيڻ ۽ سندس اهل عيال کي ٻکر
مان واپس ڪرڻ. ٢١٠-٢١٣

• ڀاڱو ڇهون ٢١٤-٢٧٦

مرزا غازي بيگ ولد مرزا جاني بيگ ترخان
۽ سندس خاندان جي پڇاڙي جو احوال. ٢١٤-٢١٧
مرزا غازي بيگ جو مصلحت جي خيال
کان پنهنجي خاص ماڻهن کي نوازڻ. ٢١٧-٢٢٣
مرزا غازي بيگ جو احمد بيگ کي امير
مقرر ڪرڻ. ٢٢٤-٢٣٠
ابوالقاسم سلطان جو پنهنجي ماڻهن جي مدد
سان مرزا غازي بيگ کان باغي ٿيڻ. ٢٣١-٢٣٥
ابوالقاسم سلطان جو مرزا غازي بيگ ڏانهن
جواب لکڻ. ٢٣٥-٢٤٠
مرزا غازي بيگ جو ابوالقاسم کي انڌو
ڪرائي ڇڏڻ. ٢٤١-٢٤٥

آگري وڃڻ لاءِ مرزا غازي بيگ جو پنهنجي خاص ماڻهن سان مشورو ڪرڻ. ٢٤٦-٢٤٩

ابوالقاسم جو بنديخاني مان ڀڄڻ. ٢٤٩-٢٥٦

خسرو خان چرڪس جي چرچ تي ارغونن ترخانن جو وڪوڙ ۾ منهن وجهڻ. ٢٥٦-٢٦٠

مرزا غازي بيگ جو ڀھريون ڀيرو شاهه بيگ خان جي مدد لاءِ قنڌار ڪاهي وڃڻ. ٢٦٠-٢٦٤

مرزا غازي بيگ جو ٻئي ڀيري قنڌار روانو ٿي وڃڻ. ٢٦٤-٢٦٨

مرزا غازي بيگ جو خسرو خان کي گهرائڻ. ٢٦٨-٢٧١

هندو خان جو ٺٽي پهچڻ. ٢٧١-٢٧٥

مرزا غازي بيگ جي موت جو ڪارڻ جيڪو پنهنجي زندگيءَ ۾ وڏو بهادر سخي مرد هو. ٢٧٥-٢٧٦

● حواشي ۽ تعليقات ٢٧٧-٣٩٣

● حوالا ۽ متعلقات ٣٩٤-٤٠٦

● ڏسڻي (Index) ٤٠٧-٤٣٧

● پلنامو ٤٣٨-٤٤٣

جي اضافن سان ١٩٦٤ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. جيڪو اصل مسودو ١٨٤ صفحن (٣×٦-١٢ سنٽين) تي مشتمل مڪمل متن ديده زيب نستعليق خوشخطيءَ ۾ رقم ڪيل ۽ ڀريون ڀرو ڇپيل هو. علاوه ازين، ميرن جي شاهي ڪتبخاني جو نسخو ١٢٨ صفحه (دفتر) [٧×٣½-١٦ سنٽين] جيڪو مير مراد علي خان سنه ١٨٠٨ع ۾ ميان محمد خليل ولد قاضي محمد کان نقل ڪرايو هو، سو بہ بنيادي نسخي طور شامل ڪيو ويو ۽ اڌري بيحد خبرداري ۽ محنت سان هن تاريخي ۽ ادبي سرمايہ کي هميشہ لاءِ محفوظ ڪيو ويو.

اڳ شايع ڪيل اصل فارسي متن جو سنڌي ترجمو همعصر فاضل مترجم نياز همايوني صاحب جي مهاڳ ۽ حاشين، ۽ ڊاڪٽر بلوچ صاحب واري اصل انگريزي مقدمي ۽ ان جي سنڌي ترجمي سميت هاڻي شايع ڪيو پيو وڃي.

سنڌ جي تاريخ سان دلچسپي رکندڙ سڀني طبقن جي ماڻهن لاءِ هي هڪ ڪارائتو ڪتاب آهي جيڪو سنڌ جي تاريخ کي نروار ڪرڻ ۽ سنڌواسين تائين پهچائڻ جي سلسلي ۾ سنڌي ادبي بورڊ طرفان شايع ٿي رهيو آهي. اميد تہ پڙهندڙن کي پسند ايندو.

جام شورو
٧- جون ١٩٨٨ع

حبيب الله صديقي
سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ

پنهنجي ڪتاب هندستان جي تاريخ جي ٻهرين ڀاڱي ۾ شامل ڪيا آهن، جيڪو ٻهريون ذريعو اصلي ڄاڻ جو آهي. سال ١٩٢٥ع ۾ مرحوم سنڌي فاضل عالم محمد صديق ميمڻ حيدرآباد واري تاريخ طاهري مان چوند ٽڪرا (حصا) سنڌيءَ ۾ ڇپايا، پر اهي چوند ترجما اصل حالت ۾ هن مهل تائين نظر مان نه گذريا آهن.

هن ڇاپي جي تياري لاءِ مخدوم اميراحمد پرنسپال اورينٽل ڪاليج حيدرآباد جي مدد جو شڪرگذار ۽ ممنون آهيان هن قلمي ڪتاب جي پڙهڻ، پلنامي جي ڇاپي جي مسودي جي درستي ۾ مدد ڪئي. مان پروفيسر ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان سنڌ يونيورسٽي ۾ اردو شعبي جو سربراهه ۽ صلاح مشوري لاءِ خاص طرح مير طاهرمحمد جي قبر تان مليل ڪتبه ۽ تاريخي نقشن کي کولي پڙهڻ ۾ مدد ڏني.

سنڌ يونيورسٽي حيدرآباد — اين. اي. بلوچ

١١- ڊسمبر ١٩٦٤ع

# مصنف ۽ سندس ڪتاب بابت

سيد طاهر محمد ولد سيد ميان حسن انهن سيدن جي خاندان مان هو، جيڪي صحرائي، آستر آبادي، پوءِ باغائي ٺٽوي سڏجن ٿا. سندس ولادت ۹۹۰ هه ڌاري ٺٽي ۾ ٿي هئي. سندس پيءُ ميان حسن وڏي ڪمال وارو بيان ڪيو ويو آهي. پاڻ ٺٽي جي حاڪم مرزا محمد باقي ترخان (۹۷۳-۹۷۹ هه) جي درٻارين مان هو. سندس پٽ طاهر محمد، مرزا غازي بيگ ”وقاري“ (ولد مرزا جاني بيگ ولد مرزا پائنده محمد بيگ ولد مرزا محمد باقي) وٽ ملازم هو. پنجويهن ورهين جي ڄمار ۾ جڏهن (۱۰۱۵ هه) مرزا غازي بيگ شاهي فرمان موجب نواب شاهه بيگ خان ترخان جي مدد لاءِ قنڌار جي مهم تي روانو ٿيو ته هي ۽ ان کان موڪلائي ٺٽي آيو، جتي مولانا اسحاق بکري ۽ سيد ظهير الدين (اول) شڪرالهي شيرازي وٽ انوري ۽ خاقانيءَ جا قصيدا پڙهي ٿوري عرصي ۾ شعر جي فن ۾ ماهر ٿيو ۽ ”نسياني“ تخلص اختيار ڪيائين، جنهنڪري مير طاهر محمد نسياني ٺٽوي مشهور آهي.

ان کان پوءِ هو پاڻ وڃي مرزا شاهه (محمد) بيگ عادل خان ولد نواب شاهه بيگ خان ترخان جو مصاحب ٿيو. سندس چوڻ آهي ته هو ۱۰۲۱ کان ۱۰۳۰ هه تائين ترخان گهراڻي جي تاريخ لکڻ لاءِ سوچيندو رهيو. آخرڪار مرزا شاهه محمد بيگ عادل خان جي ترغيب تي ڪتاب جو مسودو تيار ڪري (۱۰۳۰ هه ۾)، پنهنجي مربي اڳيان لاهور ۾ حاضر ڪري پيش ڪرڻ جو التماس ڪيائين: جيڪڏهن حڪم ٿئي ته هي ناقص مسودو درست ڪرڻ ۾ اچي. انهيءَ خيال سان لاهور کان ملتان تائين

ٿيون ماخذ آهي، جنهن کي ٻارهين صدي هجريءَ جي شروعات ۾ قلمبند ڪيو ويو.

مڪليءَ جي مقام ۾ مؤلف (مرحوم) جي مزار جي ڇهراهين ڦرهيءَ تي جيڪا عبارت اُڪريل آهي، ان جي پڙهڻ مان پتو پوي ٿو ته مير طاهرمحمد سال ١٠١٥هه ڌاري فوت ٿيو هو: سندس پويان اڄا تائين ٺٽي ۾ موجود آهن.

سنڌ يونيورسٽي
حيدرآباد

نبي بخش بلوچ

تنهنڪري انهن ڪي وقت جي رائج ڪيل روايت ڪيئن به ڪري برقرار رکڻي هئي.

سنڌيءَ ۾ هن ڪان اڳ تاريخ طاهري جو انتخاب شايع ٿيو هو جنهن جي خبرچار ڏيندي پروفيسر منگهارام ملڪاڻي لکي ٿو: سنڌ جي تاريخ تي ڪتاب تاريخ طاهري جيڪو اصل مير طاهر محمد نسياني سترهين صديءَ (١٦٢١ع) ڌاري فارسيءَ ۾ لکيو هو، ان جو نچوڙ خان بهادر محمد صديق ميمڻ ”انتخاب تاريخ طاهري“ جي نالي ١٩٢٨ع ۾ سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي حيدرآباد جي پاران ڇپرايو هو. تاريخ طاهريءَ جو اهو انتخاب خان بهادر محمد صديق ميمڻ حقيقت ۾ سرهنري ايليٽ جي انگريزي ڪتاب“ هسٽري آف انڊيا تان ترجمو ڪيو هو. سنڌي نثر جي تاريخ (ص ٣٣٥)، اجڪلهه اهو انتخاب اڻلڀ ٿي چڪو آهي.

مغربي تاريخ نويسن ڪي جڏهن پنهنجي سرڪار جي دربار جو حق نمڪ ياد آيو، ته ان جي بقا لاءِ مشرقي تاريخ نويسن جي قائم ڪيل روايت جي بنياد تي اهائي تاريخ ترتيب ڏيئي ان تي (As Told by its Own Historians) جو ليبل چنبڙائي ڇڏيائون، جيئن سند رهي ۽ ضرورت مهل ڪم اچي سگهي.

مولانا حسين احمد مدني پنهنجي سوانح ۾ لکيو آهي: انگريزن هندستان اندر فرقيوار ڇڪتاڻ وسيلي پنهنجي اقتدار کي محڪم رکڻ لاءِ جيڪي حيلا هلايا هئا، تن جو ثبوت سرجان سيلڪر جي بيان مان ملي ٿو، جنهن جو چوڻ آهي ته: هندستان جي هيڏي وڏي ملڪ ۾ اسان جي غيرمعمولي قسم جي حڪومت جو انحصار انهيءَ اهم معاملي تي آهي ته اسان جي عملداريءَ ۾ جيڪي به رعيتي راڄ آهن، تن کي جدا جدا ٽڪرن يعني مختلف ذاتين، قومن ۽ فرقن ۾ تقسيم ڪيو وڃي.

سليمان ندوي بہ آهي. سيد صاحب لکيو آهي: تاريخ طاهري جي مؤلف گهڻو ڪري افسانا ۽ داستان قلمبند ڪيا آهن- عرب و هند کي تعلقات (ص ٣٦٥). جواب ۾ مولائي شيدائي لکي ٿو: ان لاءِ تاريخ طاهري تي ڪوبہ ڏوهہ مڙهي نٿو سگهجي، ڇاڪاڻ تہ جنهن زماني ۾ اها تاريخ لکي وئي، تنهن زماني جا مؤرخ لوڪ روايتن کان ئي روشني وٺندا هئا، جنت سنڌ (ص ٣٢٣). حيرت جي ڳالهہ آهي تہ جنهن ڪتاب "تاريخ طاهري" کي سيد سليمان ندوي جهڙو عالم ۽ مؤرخ خيالي افسانن ۽ داستانن تائين محدود سمجهي ٿو، ان مان (مشرق جي ٻين تاريخن سميت) مغربي مؤرخن کي ايڏو مواد ملي ٿو وڃي، جو هو ان کي انگريز شاهيءَ جي مستقل مفاد کي مستحڪم رکڻ لاءِ، پوري اعتماد سان استعمال ڪري، پنهنجو ڪم ڪڍي سگهن ٿا. اسان کي تہ سيد صاحب جي انهيءَ خيال مان بہ دال ۾ ڪجهہ ڪارو نظر اچي ٿو والله اعلم!

ان باري ۾ جناب پير حسام الدين راشديءَ جي راءِ وڏو وزن رکي ٿي تہ: جيتوڻيڪ تاريخ طاهريءَ جون عبارتون ڪٿي ڪٿي ضميرن جي ڦيرگهير سبب ڏاڍيون منجهيل آهن، تنهن هوندي بہ واقعات جي لحاظ کان ان جي اهميت غيرمعمولي آهي، ڇو تہ ان ۾ مرزا باقيءَ جي خودڪشي، خان خانان ۽ مرزا جاني بيگ جي جنگ کان وٺي، مرزا غازي بيگ جي تنڌار واري دور ۽ وفات جي معاملي ۾ ڪيترين ڳالهين ۽ اڪين ڏٺن احوالن جي وضاحت ڪيل آهي ۽ اهي ڳالهيون ڪنهن ٻيءَ تاريخ ۾ ڪونہ آيون آهن- مرزا غازي بيگ ترخان اور اسڪي بزم ادب (ص ٢٨٦-٢٨٧).

انهيءَ سان گڏ جيڪڏهن تاريخ طاهريءَ تي وڌيڪ ويچار ڪيو ويندو تہ اهي حقيقتون بہ واضح ٿي وينديون تہ تاريخ طاهري اصل ڪهڙي مقصد سان قلمبند ڪئي وئي؟

سومرن جي تباهيءَ جا اصل ڪارڻ دلوراءِ جي ڪارنامن کان سواءِ ڪي ٻيا به هئا: سمن ڪيئن ارغونن هٿان شڪست کاڌي: مغل سلطنت سنڌ سان ڪهڙا پال پلايا ۽ ورهين تائين سنڌين تي ڇا وهيو واپريو! تاريخ طاهري، مغل سلطنت جي توسيع پسنديءَ واري اصول کي تقويت پهچائڻ لاءِ لکي وئي، جنهن ۾ مؤلف جي ذاتي مفاد جي حصول جي ڪوشش به شامل هئي. سومرن ورهين جا ورهيه سنڌ تي حڪومت ڪئي. انهيءَ وچ ۾ ڪانئن ڪيئي حصا وڏيڪ ۽ تمام وڏيون طاقتون ساڻن ڇڪريون ڏينديون آيون پر هي وڏي دانائيءَ ۽ دليريءَ سان انهن جو مقابلو ڪندا آيا. پڇاڙيءَ ۾ به غزنوين جهڙن ارڏن حڪمرانن سان بغاوت ڪري پنهنجي جند سان گڏ سنڌ کي به آجو ڪرايائون، پر جڏهن انهن سومرن جي پوين جو پيٽ پريو، تڏهن پاڻ جهڙي سگهاري ۽ سدائين ساٿ ڏيڻ واري سمن جي محب وطن قبيلي سان ڦٽائي، پنهنجو تختو اونڌو ڪرائي ڇڏيائون.

سمن، ڄام نندي ۽ دريا خان تائين هر معاملي ۽ مرحلي تي چڱو پاڻ ملهايو. پر ڄام فيروز جهڙي عياش ۽ ناعاقبت انديش هٿ وڃي پنهنجو پيرو پوڙائي ڇڏيو. هن پنهنجي نادان دوستن جي گمراهه ڪندڙ صحبتن ۾ دانا دشمن لاءِ راهه هموار ڪئي. نتيجي ۾ ڪيس اڳهاڙين پيرين پنهنجو ملڪ ڇڏڻو پيو ۽ سنڌ جون سڏون ڪندي ائين مغلن هٿان مارجي ويو، جو پورو ڪفن به نصيب ڪونه ٿيس. پاڻ کي ته ماريائين پر پنهنجي حمائتي (سلطان بهادر گجراتي) جو به سر ڪٽايائين. بابر، همايون ۽ اڪبر، هن ملڪ ۽ ماڻهن کي بيگناهيءَ جون جيڪي سزائون ڏنيون، تن جي نتيجي ۾ صدين تائين ساوا وڻ سڪي ويا. بابر قنڌار مان ارغونن کي تڙي اهڙو المناڪ سبب پيدا ڪيو جو هتان جي ماڻهن جي زندگي زهر ٿي وئي. همايون، شيرشاهه سوريءَ کان هار کائي جڏهن شاهي لشڪر سان هن ملڪ تي آسماني

آفت ٽي اچي ڪڙڪيو، تہ سنڌس لشڪرين ۾ ٽي سال سانده مرن وانگي مچرجي سڄي سنڌ ڀيلي ناس ڪئي، انهيءَ رولڙي ۾ اڪبر هٿي پيدا ٿيو، جنهن ساماڻيندي اهي سنگ ڪڍيا جو سنڌس ئي جنم ڀومي سورن ۾ اچي وئي. رهي ڪهي ڪسر وري ارغونن ۽ ترخانن پوري ڪري ڇڏي.

منهنجي خيال موجب مٿين ڳالهين جي روشنيءَ ۾ تاريخ طاهري هڪ اهم تاريخي دستاويز آهي، جنهن جو مطالعو ڪندي هر معاملي ۽ مسئلي جي منظر توڙي پس منظر مان ڪيئي معنائتا سوال اسان جي ذهن ۾ ايري اچن ٿا، انهيءَ اهميت کي ڌيان ۾ رکندي ڪوشش ڪري ترجمي جون سڀئي تقاضائون پوريون ڪيون ويون آهن. وڌيڪ ڪوٽ جي حواشي ۽ تعليقات جي پويان حوالا ۽ متعلقات ڏئي، پورائي ڪيل آهي. ان کان مٿي بار ڪٽڻ جي سگهہ پنهنجي قلم توڙي ڪتاب ۾ ڪانہ هئي، ان ڪري ايستائين دنگ ڪرڻو پيو.

نياز همايوني

٢- نومبر ١٩٨٠ع

حيدرآباد سنڌ

# مصنف جو مهاڳ

آنهيءَ سونهاري جي ساراهه، جيڪو پاڻ سهڻو آهي ۽ سونهن کي پسند ڪري ٿو. اهڙي اهڃاڻ سان هو هڪ پاسي انهن سهڻن کي حال وارن مستان حڪم هلائڻ لاءِ سونهن ۽ سيبتائيءَ جي گاديءَ تي ويهاري ٿو، جيڪي پنهنجي سونهن جي ساک سان ورهه ويچاريندڙن کي وصل جي وات ۾ نيزاريءَ سان نروار ڪري مشاهين ماڳ تي پهچائين ٿا، ته ٻئي پاسي پاڻ آنهن پرت جي پانڌيڙن کي، جيڪي سدائين ڪنهن ڳالهه جي ڳولا ۾ رهندا تا اچن، پنهنجي ڳانڍاپي واري ڳاراٽي ۾ حال ڪان بي حال ڪري سڌير ۾ آڻي، وري بي سڌ ٻٽائي ڇڏي ٿو:

آهو ئي آهي، جيڪو سهڻن جو مانُ وڌائي ٿو
آهو ئي آهي، جيڪو گلزارن ۾ رنگينون آڻائي ٿو

جيڪڏهن هو سهڻن کي مانائتو نه ڪري ها
ته ويچارن عشق وارن جو پيڙو ڪيئن تري ها.

جيڪڏهن پاڻ، باغن، بهارن ۾ گل پيدا نه ڪري ها
ته پرهه ڦٽيءَ جو ڪير ٻر بلبن جا داستان ٻڌي ها.

بتخاني ۾ بتن کي، ان ڪان ئي رونق مليل آهي
مسجد توڙي مندر ۾ سندس ئي سچو راز رکيل آهي.(١)

---

(١) ڇپيل نسخي ۾ اهل عدل لکيل هو، حالانڪ قلمي مسودي ۾، اهل حال لکيل آهي، ان ڪري اهو ئي قائم رکيو ويو (مترجم)

سيني جا اندر ڏکن سورن کان آجا ٿي ويا آهن
جنهن جو پتو، ماڻهن جي منهن ڏسڻ مان پوي ٿو

شهزادا جيڪي فرشتن جي خصلت رکندڙ، اصل نسل ۽ پاڪ بنياد وارا، دين جي پناهه، خدا پرست، بادشاهه جي اميد، خوشدليءَ ۽ رضامنديءَ سان سرفراز ٿيل آهن؛ جن کي بادشاهه جي مهر عنايت سان هر قسم جون نعمتون نصيب ٿينديون رهن ٿيون؛ شال خدا جي فضل ۽ شاهي عدل جي برڪت سان وفادار وزيرن، دانا دوستن، فيض رسائيندڙ عالمن، مدبرن ۽ شهسوارن سميت، مڪارم اخلاق، خوش خصال، اقبال آثار، عالي قدر، نامدار حضرت شهريار جي اعتماد ۽ اطمينان جي دولت سان ابد تائين شاد ۽ آباد رهن: [٦]

جيستائين گل ڦل جهان ۾ هجن
۽ تازگي باغن ۾ موجود رهي

جيستائين بتن وٽ، برهمڻ جي لاءِ
الماس جا تير ڪمان ۾ تاڻيل هجن

تيستائين شهزادا بادشاهه جي اکين آڏو هجن
۽ بادشاهه سلامت پنهنجي تخت تي فائز هجي

عنايت جي نگاهه، انهيءَ نيڪيءَ جي درياهه، روشن دل، حقيقي مجازي گوهر، الاهي فيض جي مجسمي، سنجيدگيءَ جي سرچشمي، فطرت ۽ جوانمرديءَ جي نظير، حاتم جهڙي همت، رستم جهڙي جرات، سڪندر جهڙي حشمت رکندڙ، خوشيءَ واري باغ جي سدا بهار گل، رات جاڳندڙن جي شبستان جي شمع، منظور نظر، فيض اثر، زماني جي خاقان، وزارت جي شان، سخن فهم، سخندان، جنگ جي ميدان جي ساڪ، محفل جي سونهن مرزا شاهه محمد بيگ عادل خان تي*:

---

* ڏسو حواشي ۽ تعليقات پڻ حوالا ۽ متعلقات، ڪتاب جي پڇاڙيءَ ۾.

# تاريخ طاهري

(ٺٽي شهر جي تاريخ)

# ٻيو ڀاڱو

## سومرن جي باري ۾ اوائلي راوين کان ڏنل احوال

سومرا اڳ ڍهيل ۽ هندو هئا (۱)، هي ٻاڻ کي راج ڀاڳ جو اڪوائڻ ۽ سرواڻ سمجهندا ۽ سڏائيندا ٿي رهيا. سندن هڪ سرواڻ عمر سومرو به هو، جنهن جي حڪمرانيءَ جي عرصي بابت پوري ڄاڻ نه پئجي سگهي آهي، پر اڳتي ۾ بيان ٿيل آيل انگن اکرن موجب اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو، ته هي به انهيءَ سومري دور (۸۰۰ هه کان ۸۴۳ هه) اندر پنهنجي وقت جو وڏو حاڪم (۲) ۽ ٽڪي (خاص نشان) (۳) وارو هو. سندس باري ۾ مشهور آهي، ته راج جون زالون زوريءَ کڻائي، پنهنجي محل ۾ ويهاري ٿي ڇڏيائين. جيئن ته سارئي نالي (۴) هڪ سهڻي، سلڇڻي ۽ پرڻيل زال کي

---

(۱) ڏسو حواشي ۽ تعليقات

(۲) عمر سومرو ٻيو جنهن ۷۹۳ هه / ۱۳۹۰ع ۾ سنڌ جي ڏاکڻين ڀاڱي تي ۳۵ ورهيه حڪومت ڪئي. سندس گادي، جو هند ٿرپارڪر ضلعي جي هاڻوڪي شهر عمرڪوٽ ۾ هو

(۳) ڏسو حواشي ۽ تعليقات پڻ حوالا ۽ متعلقات مآثرالامرا جي حوالي سان

(۴) ڏسو حواشي ۽ تعليقات.

۱- تاريخ سنڌ اڙدو اعجازالحق قدوسي ص ۴۳۴ مرڪزي اردو بورڊ لاهور

۲- جنت السنڌ سنڌي رحيمداد خان مولائي شيدائي ص ۳۱۶ سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد

(مترجم)

پريان منهن ڪڍيو، جو مڙنيءَ سان ٻاڻ ملهائي پنهنجا پساهه پورا ڪري ويو. پڇاڙيءَ شاهي لشڪر انهن عورتن مٿان ڪاهي پيو، جن ويچارين سڀني ڄمار ۾ ڪنهن اوپري جو پاڇو به ڪونه ڏٺو هو. هنن لاءِ خدا کان سواءِ ڪو وسيلو نه رهيو. شاهي لشڪر جي پهچڻ کان اڳ ڏٺيءَ در دانهون ڪرڻ لڳيون: الاهي! اسان کي تو کان سواءِ ڪنهن جو به آسرو ڪونهي، تون جبل کي حڪم ڪر ته اسان کي اماڻ ڏي، جيئن ظالمن جا هٿ اسان جي دامن تائين پهچي نه سگهن. خدا جيڪو سڀني قريبن کان قريب تر آهي، جنهن جي دوستي وقت تي واقعي مددگار ثابت ٿئي ٿي، تنهن هنن جون آزيون اگهايون. هڪدم جبل ڏري پيو ۽ سڀئي پاڪدامن زالون اُن ۾ داخل ٿي ويون ۽ جبل وري جيئن هو تيئن ٿي ويو، پر ڪن زالن جي پوتين جا پلاند ٻاهر رهجي ويا هئا. جڏهن شاهي لشڪر اچي اتي پهتو، ته پوتين جا اهي ٻاهر نڪتل پلاند ڏسي عبرت ۾ پئجي واپس هليو ويو. اهي نشان اڃا سوڌو ڪيچ جي پاسي موجود آهن.

جڏهن سومرن مان سنڌ ۾ ڪا پهر باقي نه رهي جيڪا حڪومت جي دعوا ڪري سگهي ها(١) تڏهن سمن پيهر سنڌ ۾ اچي درياهه جي اوسي پاسي پنهنجيون آباديون شروع ڪري ڏنيون. [٤٨]

# ٻاڱو ڀيو

## سومرن جي تباهيءَ کان پوءِ جام* جي اولاد (سمن) هٿان ساموئي نگر جو آباد ٿيڻ

سومرن جي حڪومت جي پڄاڻي ٿي، ته سمن جو وارو آيو، جن ٨٤٩ هه کان ٩٢٧ هه "خرابي سنڌ" جي تاريخ (٢) تائين حڪومت هلائي. اهي زميندار سما جيڪي سومرن جي صاحبيءَ ۾ سنڌن رعيتي هئا، مڪليءَ جي ٽڪريءَ تي پنهنجو ڪوٽ اڏي ويٺا. شهر جو نالو ساموئي نگر ۽ ڪوٽ جو تغرآباد (٢) رکيائون. ننهي ماڳن (٣) جي پيڙهه جام تغرور پنهنجي زماني ۾ وڌي هئي، پر هيلتائين ٻئي اڌوري حالت ۾ هئا. ان کان سواءِ ڪيترا ٻيا ڳوٺ ۽ واهڻ به سمن اڏيا هئا، جيڪي اڃا سوڌو سنڌ ۾ موجود آهن.

سمن اهڙيءَ ريت ملڪ کي ٺاهيو، جو هرهنڌ ڪيچ ٿي وياء ڪٿي به ڪا غير آباد زمين ڪانه رهي. ٺٽي جو صوبو ۽ پرڳڻو، جيڪو، اڃا تائين سرڪاري دفترن ۾ ساڳئي نالي سان ساريو پيو وڃي، سمن جو ئي آباد ڪيل هو. سما پاڻ زميندار به هئا، تہ پورهيو به پاڻ ئي ٿي ڪيائون، انڪري چڱيءَ طرح ملڪ آباد ڪري ورتائون.

---

* ڏسو حواشي ۽ تعليقات.

(١) ڳان (٣) ڏسو حواشي ۽ تعليقات.

هن مان جڏهن ڄام ننڊو (نظام الدين) گاديءَ تي ويٺو، ته سڀني پنهنجي ريت موجب (١) گڏجي ان کي ڄام جو لقب ڏنو. تڏهن کان هن ملڪ ۾ اهڙي رونق پيدا ٿي، جو ڄڻ ته نئين سر عدم مان وجود ۾ اچي چڪو هو. هن ڄام جي دور ۾ اسلام سان گڏ، عدل انصاف جو عروج ٿيو، جيڪو هر حالت ۾ ٻين حاڪمن جي دور کان وڌ هو. سندس عهد ۾ جيڪي به وهيو واپريو، تنهن جو بيان وڏي چمار وارن کان ٻڌي، دل سان هنبائي هتي درج ڪيو ويو آهي:

ڄام ننڍي بابت چيو وڃي ٿو، ته پاڻ رات ڏينهن خدا جي بندگيءَ ۾ مصروف رهندو هو. هن جي وقت ۾ غريب ۽ بي پهچ ماڻهن کي سولائيءَ سان انصاف پلئه ٿي پيو. ڪنهن کي به اها طاقت نه هئي ته ڏاڍي هٿ ڪري هيٺين مٿان هٿ هلائي سگهي. اهڙي ريت هر ڪنهن صبح شام هن نيڪ دل حاڪم جي وا ڪاڻ پئي ڪئي. جيستائين ملڪ ۾ امن امان جي سنڀالهه جو تعلق آهي ڄام نظام پنهنجي حڪومت دوران ڪنهن به ٻئي ملڪ تي ڪاهه ڪانه ڪئي، نه وري ڪو ڌاريو سندس ملڪ تي ڪاهي آيو. پاڻ روزانو صبح جو شاهي ڪُڙهه ۾ وڃي گهوڙن جي ٻڌيءَ تي هٿ گهمائي چوندو هو ته خدا اهڙو اڻانو ڏينهن نه آڻي، جو آءٌ اوهان تي سوار ٿي ڪنهن پرائي ملڪ تي ڪاهه ڪرڻ وڃان. يا ڪو اوپرو اسان جي ملڪ تي ڪاهي اچي، شال ڌڻي سڀڪنهن کي پنهنجي پنهنجي ماڳ تي امن امان سان آباد رکي.

ساموئي نگر ۾ گهڻو وقت گهارڻ کان پوءِ ڄام نظام الدين هڪ نئين ۽ نرالي قسم جي شهر اڏائڻ جو ارادو ڪيو، اهڙو شهر جتي سدائين سک ۽ سانت جي فضا هجي. انهيءَ خيال سان ڪي جوتشي ۽ برهمڻ گهرايا ويا، جن آس پاس جاچي

# ٻاڳو ڀاڱو

## مرزا شاهه حسن جو احوال جنهن ٩٢٧ھ کان ٩٦٢ھ تائين پورا پنجٽيهه ورهيه سنڌ تي حڪومت ڪئي●

سمن جي هار کان پوءِ مرزا شاهه حسن جنهن کي ڪي ماڻهو شاهه حسن غازي پڻ ڪوٺيندا آهن، حڪومت جي گاديءَ تي ويٺو، ته ملڪ جي اصلي مالڪن کي اهڙو نيست ۽ نابود ڪري ڇڏيائين، جو ڄڻ ته سنڌن وجود ئي ڪونه هو. سمن مان ڪوبه هن ملڪ ۾ باقي نه رهيو[٦٠]. مغلن سڄو ملڪ سنڀالي ورتو ۽ فسادي سمن جون پاڙون ئي پٽجي ويون. جنهن به مغلن جي تابعداريءَ کان منهن ٿي موڙيو، تنهن کي جيئرو نٿي ڇڏيو ويو ۽ جنهن به ڪو وکوڙ ٿي ڪيو، تنهن کان هرڪو پري ڀڄندو ٿي ويو.

هتان جي سردارن توڙي زميندارن سان اهڙيون جٺيون ٿيون، جو سنڌن هوش جاءِ تي اچي ويو. ان ڏينهن کان پوءِ سما ترار جي بدران هر جي ڇني هٿ ۾ کڻي پوکي راهيءَ ۾ لڳي ويا. نيزا ڀالا وساري ڏانو هٿ ۾ کڻي، ڪنبو ٻڌي گاهه ٻنني جي ڪرت ڪرڻ لڳا، گهوڙا ڇڏي، ڍڳا پنهنجي ڪڍ لائي، انهن ته هاريءَ ۽ ٻني پورهئي ۾ جنبي ويا، جو ملڪ جي حڪمرانيءَ واري آکڙ ئي وڃائي ڇڏائين وئي.

ملڪ ۾ جنهن به ڪر ٿي کنيو، تنهن کي مرزا شاهه حسن سک سان سمهڻ نٿي ڏنو. زالن توڙي مردن تي مغلن جي

---

● ڏسو حواشي ۽ تعليقات.

اهڙي هيبت طاري ٿي وئي، جو هيڪل جهنگ ۾ ڪنهن مغل کي ڏسندي ڇگن ۾ پلن جو ساهه سُڪي ٿي ويو ۽ زالن جا ٻار ڪِري ٿي پيا. انهيءَ هيبت سان مغل سڄو ملڪ پنهنجي چنبي ۾ آڻي، بي اونا ٿي ويهي رهيا. ٿوري وقت گذرڻ کان پوءِ ماڻهن جي دل وٺڻ شروع ڪيائون ۽ هوريان ڏاڍيان ملڪ آباد ٿيڻ لڳو. جن کي اندر ۾ ڦٽ هئا، تن کي دم دلاسو ڏئي [٦١]، پنهنجي پاسي ڪري ڇڏيائون. نيٺ سڀني ماڻهن جي دلين تان مڙئي داغ ميساري هر ڪنهن کي اهڙو خوش ڪري ويا، جو ڄڻ ته اهي دوزخ مان نڪري جنت ۾ داخل ٿي چڪا هئا.

هڪ ڏينهن مرزا شاهه‌حسن سوچ ڪئي، ته هتان جا ماڻهو سياسي انتظام کان پوءِ به اسان جي عدل ۽ مروت جي ڪاٻه چاڙ نٿا رکن، هنن کي رڳو اسان جي جنگ ۽ سياسي گرفت جي خبر پئجي سگهي آهي، پر اسان جي انصاف ۽ رحم کان بي‌خبر رهندا ٿا اچن، تنهن ڪري اڄ به اسان مان ظلم‌ستم واري جنگي روش ۽ سياسي گرفت جي اميد ٿا رکن. چڱو ائين آهي، ته هاڻ پنهنجي سر هر هنڌ پهچي، ماڻهن جي ذهن تان اهي خوف خطرا دور ڪري ڇڏجن، جيئن وري ملڪي معاملن ۾ ڪو خلل نه پئجي سگهي. انهيءَ خيال سان اها رٿ ڪيائين، ته ملتان ۽ ٺٽي جي وچ ۾ ڪڏهن ٻيڙين تي، ته ڪڏهن خشڪيءَ رستي گهمي هر هڪ ڳوٺ ۽ ديهه ۾ پهچي ماڻهن جا مسئلا ٻڌي سندن داد ڪرڻ ۾ اچي، سُتت ئي شهرن مان نڪري ننڍن وڏن ڳوٺن ۾ منزلون ڪرڻ لڳو، تان جو سڀني تائين پهچي، انهن کي پوريون تسليون ڏنائين، تنهن کان پوءِ ارادو ڪيائين، ته سمن جي ساموئي نگر خالي ٿيڻ تي جيڪي ماڻهو اتان ڇڏي وڃي ڪڇ ۾ وينا آهن، تن کي به پنهنجي تابعداريءَ ۾ آڻي ڇڏجي، جيئن ڪو ٻاهريون خطرو نه رهي. ان لاءِ ڪڇ جي زميندار

ڪي چيو: اڄ تہ هاڻ ٻئي ڳڌجي مَڇ جي چوڌاري ڦيرا پايون. ڏنار ڪي پنهنجي نيڪ نيتيءَ جي ڪري اڻڄاڻ هوندي بہ عقل اچي ويو تہ جوڳيءَ ٻنهنجي اندر ۾ مَتان ڪا سٽ نہ سٽي هجي! انڪري چڱو ائين آهي تہ هي ڍلي اڳ ۾ هلي، آءٌ سندس پويان پيو ڦيرا پائيندس. جوڳي پاڻ اڳيان ٿيو تہ ڏنار هڪ ٻن ڦيرن کان پوءِ پنهنجي جان جي خوف کان ان کي ڌڪو ڏئي اڳتي وڌي ويو ۽ هو جڙي ٻوٽيءَ سميت وڃي مَڇ ۾ پيو.

ڏنار پوٽي نهاري پڪ ڪئي تہ جوڳيءَ جو وڃڻ مشڪل آهي، پوءِ اهڙو تہ ڪڙين تي وٺي زور رکيائين جو جٽ انهيءَ جوءِ ۾ آيو ٺي ڪو نہ هو. وري ڪيترن ڏينهن تائين انهيءَ پاسي نال چارڻ ويو ٺي ڪين.

نيٺ هڪ دفعي دل ۾ ڏي جهنگ جو گس ورتائين، جڏهن مَڇ واري هنڌ تي پهتو تہ اتي رُڳي رک پيل ڏٺائين. دل ۾ چوڻ لڳو: هتي تہ سيڪجهہ سڙي خاڪ ٿي چڪو آهي. هن وقت هتي ڪو بہ ڪونهي، تنهنڪري چو نہ انهيءَ رک مان هڏا ڪڍي ڪنهن ٻيءَ جاءِ تي پوري ڇڏجن، جيئن سياڻي ڪنهن کي بہ اها ڳالہ پڄي نہ سگهي تہ هتي ڪجهہ ٿي چڪو آهي. ائين ڪندي پير سان رک [٦٦] اٿلائڻ لڳو: ڇا ٿو ڏسي تہ ان ۾ هڏن ٻدران جوڳيءَ جو سچو ٻٽ سونو ٿيو پيو آهي ۽ ڏاڍا جرڪاٽ پيو ڪري! هن کي ڏاڍي حيرت لڳي تہ قدرت ڪهڙو نہ عجيب ڪرشمو ڪري ڏيکاريو آهي. پر هاڻ جيڪڏهن هي سمورو سون پنهنجي گهر کڻي ويندس تہ سڄي ڳالهہ ظاهر ٿي پوندي ۽ جي هتي جهنگ ۾ ڇڏي ڏيندس تہ ٻئي ڪنهن جي هٿ لڳي ويندو. آخر گهڻي سوچ کان پوءِ پنهنجي ڪهاڙيءَ سان (جنهن کي هتان جا رهاڪو هٿيار طور ساڻ کڻي هلندا آهن) جوڳيءَ جي

لڳي ويئي، پر هر ڀيري [٦٨] سائن ساڳي ڪار ٿيندي رهي. آخر سيڪو بيزار ٿي مات ڪري ويهي رهيو.

مرزا شاهه‌حسن کي به پڪ ٿي، ته اهو طلسم آهي ۽ ڪنهن کي به سونو ٻُٽ هٿ اچڻو ناهي، تنهنڪري هن به آسرو پلي ڇڏيو ۽ بيگار وارن جي جند ڇڏيائين. هوڏانهن ڪڇ جا سرڪش سما جڏهن شاهه‌حسن جو مقابلو نه ڪري سگهيا ته صلح جي لاءِ چڱن مڙسن کي وچ ۾ آندائون، هر سال ڏن ڀرڻ جو وعدو ڪيائون ۽ سندن پلوءَ آجا ٿي ويا. جيڪا ڪوتاهي بروقت ڪانئن ٿي چڪي هئي، تنهن جا به ڏنڊ ڏوهه پوري ڏنائون. اهڙيءَ طرح مغلن جي مارا ساري ڪان بچي ويا. شاهه‌حسن پوءِ ٺٽي واپس اچي، وري ملتان تي ڪاهي وڃڻ جون تياريون ڪرڻ لڳو.

## سال ٩٣٣هه ۾ شاهه‌حسن جو ملتان کي تباهه ڪرڻ ۽ مير شمس جو اتي حاڪم مقرر ٿيڻ

مرزا شاهه‌حسن کي جڏهن هتان جي باري ۾ هر طرح دلجاءِ ٿي، ته ملتان تي ڪاهي وڃڻ لاءِ سپهه سالارن کي سنبرائي خشڪي ۽ درياهي رستي پنهنجو لشڪر اڳ ۾ ڪري هليو. انهيءَ وچ ۾ سيوهڻ ۽ بکر تي ڀروسي جوڳا ماڻهو مقامي حاڪمن طور مقرر ڪري ڇڏيا هئائين. هتان روانو ٿي سيت پور پهتو ته اُتان ڀلا گهوڙا هٿ ڪري ۽ ڪيترن ورهين جي پل اُکاڙي، منزلون هڻندو، وڃي ملتان رسيو، جنهن کي ديني بزرگن جو شهر ڪوٺيو وڃي ٿو.

ملتان ۾ داخل ٿيڻ شرط هن ايڏو ته رڻ ٻاري ڏنو [٦٩] جو شهرين تي ڄڻ ڪا آسماني آفت نازل ٿي وئي. رعيت سان گڏ فوجين ۾ به ڪنڪو پئجي ويو. اهڙي محشر جهڙي ماحول ۾ پيءُ پٽ کان ته ڀاءُ ڀيڻ کان وڇڙي وڃي غنيم

جڏهن شاهه‌حسن کي وارو مليو تہ پاڻ کي الائي ڪهڙا ڏينهن ڏسڻا پوندا.

## ارباب عمرشاهه ۽ دائود جو همايون وٽ اچي حاضر ٿيڻ*

انهيءَ عرصي ۾ ارباب عمرشاهه ۽ دائود سهتو (ٻئي ڀيڻ ۽ پٽ)، جيڪي درٻيلي جي اربابن مان هئا (جن سان هن ڪتاب جي مصنف "نسياني" جي ليچ لڳي ٿي)، همايون جي خدمت ۾ اچي حاضر ٿيا ۽ پاڻ کي سندس حضور مان سرفراز ڪري، شاهي فوجون بکر جي آس پاس وچي رهايائون؛ رعيت ۽ زميندارن کي بہ سمجهائي ڇڏيائون، تہ هندستان جو بادشاهه "همايون" ارغونن ۽ ترخانن جو ڪعبو قبلو آهي، ان جي حڪم کان منهن سوڙڻ پاڻ کي تباهيءَ ۾ وجهڻ ۽ گمراهي ۾ رکڻ برابر ٿيندو.

هنن جي انهي چتاءَ کان پوءِ بہ ڪي اهڙا ماڻهو هئا، جن پنهنجي حماقت ۽ مصلحت جي ڪري ڪنهن ڳالهہ تي ڪو ڌيان نٿي ڏنو ۽ بادشاهه جي تابعداريءَ کان نابري واريندا رهيا؛ پر، ارباب عمر وارن [٤١] شاهي حڪم پنهنجي پرڳڻي ۾ پهچائي، هر ڪنهن وٽان ان جي حيثيت آهر ڪاڏ خوراڪ جو سامان آڳاڙي شاهي لشڪر جون ضرورتون پوريون ڪيون ۽ سڀني راڄن کي پوکي راهي ڪرڻ، گهرن اڏڻ لاءِ همٿائي دل ڏڍرايائون، جيئن انهيءَ وسيلي شاهي لشڪر کي اَن داڻو مهيا ڪري ڏئي سگهجي. اتان واندا ٿي، ٻئي ڀيڻ پٽ پوري عقيدتمندي ۽ خلوص نيتيءَ سان صبح شام شاهي لشڪر جي سار سنڀال لهندا ۽ ان تي چوڪي ڏيندا رهيا. بادشاهه سندن

* ڏسو حواشي ۽ تعليقات.

جان نثاري ڏسي، ڪين سواري ۽ خلعت سان نوازي، پنهنجي هٿ اکرن ۾ هيٺيون فرمان لکي ڏنو:

آءٌ همايون بادشاهه پٽ ظهيرالدين بابر بادشاهه، پٽ عمرشيخ، بادشاهه جي حيثيت ۾ خدا جي خدائي ۽ رسول جي رسالت جو اقرار ڪندي، هي فرمان لکي ٿو ڏيان، ته جيڪڏهن خداوند ڪريم بکر جي حڪومت مون کي عطا ڪئي، ته مان (توهان مون سان وعدو وفا ڪريو، ته آءٌ اوهان سان وعدو وفا ڪندس) ان تي قائم رهندس. مون دربيلي جو پرڳڻو ارباب دائود ولد عمرشاهه سهتي ۽ سندس اولاد کي بخش ڪيو آهي.

پڇاڙيءَ جيئن خدا جي خواهش هئي، ته شاهي گهوڙن جي سنبن سان زمين جو هي ٽڪرو پاسال ٿيڻ کپي، بادشاهه بکر مان ٺٽي جي صوبي ڏانهن چڙهائي ڪئي*. وات تي [٤٧] اڪبر عمرڪوٽ ۾ پيدا ٿيو، جنهن پنهنجي ڀاڳ ڀري پيشانيءَ سان هن خاندان جي سلسلي کي اچي روشن ڪيو (١).

مرزا شاهه‌حسن کي جڏهن اها خبر پئي ته شاهي لشڪر بکر مان روانو ٿي ٺٽي اچي رهيو آهي ته ڏاڍو پريشان ٿيو. ڪيس اها اچي لڳي ته الاجي همايون جا لشڪري ساڻس ڪهڙو سلوڪ ڪندا! نيٺ ٻي ڪا واهه نه ڏسي، ٺٽي مان نڪري وڃي ريڄ درياهه جو پاسو ورتائين (٢) جيڪو

---

* ڏسو حواشي ۽ تعليقات.

(١) اڪبر بادشاهه رجب ٩٤٩ هه مطابق ١٥- آڪٽوبر ١٥٤٢ع عمرڪوٽ ۾ پيدا ٿيو.

حاشيه مقالات الشعراء قانع ص ٨٦٤. (مترجم)

(٢) ڏسو حواشي ۽ تعليقات ۾ حوالا ۽ متعلقات.

جي ڪري پنهنجو ڀاڳ ڦٽائي اکو پوءِ ڏڏڙ ۾ پير هڻي چنبڙائي پٽري ويهي رهيو (۱). سياڻن سچ چيو آهي ته جنهن جي قسمت ڦٽي ٿي، سو چڱائي ڇڏي لڳائيءَ ۾ وڃي پوي ٿو. اهو پنهنجي محسن ۽ دوست جي هدايت توڙي شناس ڪان اکيون پوري، گمراهي ۽ نافرمانيءَ واري راهه اختيار ڪري ٿو [۷۳].

بادشاهه جڏهن اهو حال ڏٺو ته پاڻ به جنگ ۾ ٽپي پيو. ٻنهي پاسن ڪان لاڳيتي ويڙهه هلندي رهي. شاهي خاندان ڪي مرزا شاهه‌حسن سان بندگي ۽ خدمتگذاريءَ جون جيڪي اميدون هيون، اهي اجايون ثابت ٿيون. مرزا شاهه‌حسن هروڀرو اڻ چاڻائيءَ ڪان ڪم وٺي، پنهنجي عاقبت خوار ڪرڻ تي لهي آيو. جنگ هلندي رهي ته ايتري ۾ چاچڪن واري سرڪار، شاهي تحصيلدار جي قبضي ۾ اچي وئي، جتان شاهي لشڪر کي اناج جا ذخيرا هٿ آيا ۽ ڏڪار جون سختيون سڪار جي سٺائين ۾ بدلجڻ لڳيون. ساڳئي وقت هر روز ٻنهي پاسن ڪان جنگي جوڌا صفون ٻڌي لڙندا رهيا. انهيءَ دوران هڪ عجيب واقعو رونما ٿيو، جيڪو هن ريت آهي.

هڪ ڀيري مرزا شاهه‌حسن جي لشڪر مان، هڪ سپاهي اڪيلي سر گهوڙو هڪلي وڃي شاهي لشڪر ۾ ڪاهي پيو ۽ اهڙي بهادريءَ سان هٿيار هلايائين جو دشمن به کيس داد ڏيڻ لڳا، نيٺ پنهنجي چستي ۽ دليريءَ جي باوجود سخت زخمي ٿي پيو، ته شاهي لشڪر کيس گرفتار ڪري ورتو. جڏهن هن کي بادشاهه وٽ پيش ڪيو ويو ته بادشاهه پاڻ سندس بهادري کي ساراهيندي ملم پٽي جو حڪم ڏنو. انهيءَ

---

(۱) ڏسو حواشي ۽ تعليقات.

شاهي فرمان هو، اهو منهنجي ڏاڏيءَ ڏانهن آماڻي ڇڏيائون. جنهن زماني ۾ (٨١) اڪر بادشاهه (جي ڪارندن) هن ملڪ تي قبضو ڪيو ۽ محمود بکريءَ کي اتان معدوم ڪيائون ته اهي جلا وطن وري هتي واپس آيا. ڪين ملبل شاهي فرمان مرزا جاني بيگ ترخان واري حادثي ۾ گم ٿي ويو، جنهن شاهي لشڪر جي خوف کان ٺٽي جو شهر ساڙائي ڇڏيو هو. انهيءَ فرمان جي گم ٿيڻ جو پين کي ته ڏيڍ ارمان ٿيو، پر مون (نسياني) کي خاص ڪري گهڻي ڳڻتي ٿي پئي. انهيءَ لاءِ ئي آءٌ ڪوشش ڪندو رهيس ته ڪنهن به صورت ۾ شاهي دربار تائين ڪا رسائي ڪري سگهان.

منهنجي هيءَ تصنيف به انهيءَ سلسلي جي هڪڙي ڪڙي آهي. اميد اٿم ته ان جي وسيلي ۽ پنهنجي محسن جي مدد سان، شاهي دربار تائين رسائي ڪرڻ جو شرف ضرور حاصل ڪري وٺندس.

خدا وند ڪريم شال جهانگير، جهاندار، جهان بخت کي ڪاميابي ۽ ڪامرانيءَ جو تخت بخت عطا ڪري. آسرو آهي ته نيٺ ڪڏهن نه ڪڏهن حقدار کي پنهنجو حق ملي ويندو. شاهي غلامن کي انهيءَ نسبت ۾ پين واسطن سان اها وڇايل ميراث هٿ اچي سگهي ٿي، جيڪا بادشاهه کين بخش ڪري ويندا آهن. خدا آخر هر ڪنهن جي حق رسي ڪرڻ وارو آهي.

## چاچڪان جي زميندارن کي شاهي جاگيردارن جي قتل جو حڪم

خداوند ڪريم شل ڪنهن کي به ڪڏهن مصيبت ۾ مبتلا نه ڪري، ڇا لاءِ ته اها ڏاڍي بڇڙي بلا ثابت ٿئي ٿي. حڪومت جي خير خواهن جو بخت بلند هجي، خاص ڪري

بادشاهن کي [٨٢] کو وبال ۽ زوال نصيب نہ ٿئي، جو اهو رعيت جي تباهي ۽ بربادي ۽ جو ڪارڻ بڻجي ٿو. بادشاهہ گردي اصل ۾ خلق جي اسن آرام کي بہ گردش ۾ آڻي ڇڏي ٿي. جڏهن بادشاهہ سلامت (همايون) هند ڇڏي سنڌ ۾ آيو تہ ساٿهن ياران سائس هر قسم جون نمڪحراميون ۽ نافرمانيون ڪرڻ لڳيون، نيٺ ملڪ وڃي حقدارن جي حوالي ٿيو.

اهي نادان جن حماقت ڪري پنهنجي موروثي محسن سان وفا نہ ڪئي، تن مان ڪنهن کي وري ڪهڙو فائدو رسي سگهيو ٿي! انهن نمڪحلالن جون ڳالهيون جڏهن زميندارن تائين پهتيون تہ پنهنجي عاقبت جو خيال ڪندي، مرزا جي طرفداري ۾ ئي پنهنجي ڇڱائي سمجهيائون. هنن تڪڙ ڪري نہ رکيو شاهي دربار سان وفاداري ڏيکاري هئي، پر پاڻ بچائڻ لاءِ ڪي اڳ ئي ڪا طريقا بہ اختيار ڪري چڪا هئا. مرزا شاهہحسن کي چيائون تہ اسان آخر اوهان جا ئي آهيون، جيئن آنءَ جو منهن جنبڻ ڏانهن هوندو آهي، تيئن ئي اسان جو مثال سمجهيو وڃي. هن وقت شاهي عملدارن لاءِ جيڪو بہ حڪم ڪندا سو هڪدم پورو ڪيو ويندو.

هن بدبخت (شاهہحسن) انهن صلاحڪارن جي چئي تي لڳي، اها سوچ ڪئي تہ جيڪڏهن چاچڪان واري سرڪار مان شاهي عملدارن کي ڪڍيو ويو تہ ڏاڍو چڱو ٿيندو. آخر اهو اعلان ڪرايائين تہ: بڪر جا ارباب جيڪي بادشاهہ جا طرفدار ٿي چڪا آهن، تن کي معلوم هئڻ گهرجي، تہ هن وقت اوهان جي قسمت زور آهي، جو اوهان پنهنجو ملڪ شاهي لشڪر جي قبضي ۾ ڏئي ڇڏيو آهي؛ پر جنهن ڏينهن بادشاهہ هتان هليو ويو، توهان سڀني جي اهڙي خبر ورتي ويندي جو ڏيهن کي پيا ڏس ڏيندا.

رهيو. پڇاڙيءَ ان جي عتاب کان اونڌي مُنهن وڃي ڪڏ ۾ ڪِريو. پيو تہ هن پنهنجي وڏن جي نيڪنامي وساري ڇڏي، جيڪي ورهين کان نمڪ حلالي جي ڪري، پاڻ کي بادشاهہ جو خادم سمجهندا ٿي آيا.

اها حڪومت جنهن تي هن سدائين غرور ٿي ڪيو، سا ڪجهہ عرصي کان پوءِ پوري ٿي چُڪي ۽ اڃا تائين سندس بي مروتيءَ جون ڳالهيون هلن پيون. نيٺ ملڪ سندس هٿن مان هليو ويو ۽ ترخانن ان تي قبضو ڪري ورتو.

مرزا شاهہ حسن جي عزيزن، ملڪ ۽ ملڪيت جي تنازعي ۾ هڪ ٻئي سان سخت وير و ڀچا وڌا. ارغون ۽ ترخان جيڪي حڪومت هلائڻ ۾ هن سان شريڪ ۽ سندس ساٿياري هئا، تن کي پاڻ تڏي حڪومت جو سڄو ڪاروبار اهڙن ڪميڻن ماڻهن جي حوالي ڪري ڇڏيائين، جيڪي سندس حڪومت جي زوال جو باعث بڻيا. انهن مان اسماعيل ٻٽارو ۽ عربي ڳهو(١) جيڪي سنڌ جي ڳرڻاٽن مان هئا، تن کي خاص مقرب ڪري رکيائين ۽ سندن ئي آهاريءَ تي هلندو رهيو. هنن ڪيس جيڪي بہ ڪوڙيون ۽ ڪميڻپ جهڙيون ڳالهيون ٿي ٻڌايون، تن تي اکيون ٻُوٽي عمل ٿي ڪيائين، ايتري قدر جو ٻئي ڪنهن جي ڪا چڱي ڳالهہ بہ ڌيان ۾ نٿي آندائين. هن وٽ انهن ماڻهن کان سواءِ ٻئي ڪنهن جي بہ ڪا عزت ڪانہ هئي. ملڪ ۾ جيڪا بہ چڱي مدي ٿيندي پئي رهي، تنهن جي ڪا خبرچار ڪانہ ٿي رهي، نہ وري اهڙي ڪا پرواهہ ئي هيس. اهي ٻئي اهڙا ٻڇڙا ماڻهو هئا جو ڪنهن کي بہ چڱي نگاهہ سان نٿي ڏٺائون. عربي ڳهي کي هڪ شرابي ۽ بدڪردار پُٽ هو [٨٧]. جڏهن بہ ديوان خاني ۾ ٿي آيو تہ سڀڪنهن کي آزار

(١) ڏسو حوالا ۽ متعلقات.

چمار [٩٠] ننڍي کان بکر تائين پيڙين رسّي پئڪندو ٿي رهيو. بهرحال قدرت ڪيس انهيءَ ٿي پيچ ڊڪ ۾ تخت تان لاهي تختي پيڙو ڪيو. ان ڪان پوءِ ارغونن جي صلاح سان، مرزا عيسيٰ کي حڪومت جي گادي نصيب ٿي. محمود خان ڪوڪلتاش، مرزا شاهه حسن جي بيماريءَ دوران ساڻس گڏ رهي، جيڪو خزانو هٿ ڪيو تنهن سان اڌ مرزا عيسيٰ جي حوالي ڪيائين. ملڪ جو هڪ حصو اڳين قول قرار موجب محمود خان کي مليو، جو دلجاءِ ڪري بکر ڏانهن روانو ٿي ويو.

مرزا عيسيٰ پڇاڙيءَ مرزا شاهه حسن جو ميت مڪليءَ جي انهي مقبري ۾ رکايو جيڪو عارضي طور هن لاءِ مخصوص هو. ڪجهه عرصي کان پوءِ مرزا شاهه حسن جي بيگم جي مرضيءَ مطابق (جنهن سان پاڻ نڪاح ڪرڻ ٿي چاهيائين، پر وقت جي مصلحت ڪري ساڻ ۾ هو) مرزا شاهه حسن جو لاش مڪي شريف موڪلي، پاڻ ملڪ جو حاڪم ٿي ويهي رهيو (١).

---

(١) ڏسو حواشي ۽ تعليقات.

ظاهر ظهور ته ڪابه اڙانگائي نٿي ڪيائون، پر اندرئي اندر انهيءَ وڻ جي پاڙن پٽڻ جا سانباها ڪندا ٿي رهيا، جيڪو هنن پنهنجي ئي هٿن سان پوکيو هو. انهيءَ مقصد جي لاءِ ويهن ئي آڳرين جا زور لاتائون، پر ڪجهه به ڪري نه سگهيا. هوڏانهن چا ٿيو، جو مرزا عيسيٰ جا ازخودئي پير پختا ٿيندا ويا. ارغونن جون جيڪي ارڏايون هيون، سي سندس پُٽن جي رعب تاب کان بنهه دٻجي ويون. انهيءَ عرصي ۾ هن ٺٽي جي قلعي اندر پنهنجي حويلي قائم ڪري ورتي. سندس پُٽ جيڪي هيلتائين شهر ۾ چڙو چڙ جاين تي رهندا هئا، تن به انهيءَ حويليءَ ۾ اچي رهائش اختيار ڪئي ۽ ڪاميابيءَ سان زندگيءَ جون منزلون طيءِ ڪندا رهيا.

## مرزا محمد باقي ۽ مرزا محمد صالح جي پاڻ ۾ دشمني پيدا ٿيڻ ۽ وڳوڙ پوڻ*

مرزا عيسيٰ جڏهن اچي پوڙهو ٿيو، ته سندس جوان پٽ حڪومت ۾ دخل ڏيڻ لڳا، هنن جو مٿو ايڏو ته اچي ڦريو، جو سندن بي عقليءَ جي حدئي نه رهي. مرزا صالح ڪڏهن آڪڙ ۾ اچي اها ٻٽاڪ ٿي هنئي، ته جڏهن به اڪبر بادشاهه پنهنجي ملازمن ۽ بيگمن سان گڏ شڪارگاهه ۾ ويو، ته ڪيس پڪڙي هتي آڻي ڪيندس. هن احمق کي اها ڪل ئي ڪانه هئي، ته انهيءَ شاهي شڪارگاهه جا معمولي هرڻ به سواءِ ڪنهن ٻبر شينهن جي شڪار ڪري نٿا سگهجن.

اهڙيءَ ريت هن نادان پنهنجي جوانيءَ جي اند ۽ حڪومت جي هلڪي سلڪي ڏيڏ تي [٩١٤]، پاڻ کي وڏي شيءِ ٿي سمجهيو ۽ اهڙا خيالي پلاءَ پچائي حڪومت پنهنجي هٿ آڻڻ ٿي چاهيائين. هوڏانهن مرزا باقي به پاڻ کي ملڪ جي ڌاهن مان سمجهڻ لڳو. هن ته پنهنجي پيءُ جي حڪومت سان وري

* ڏسو حواشي ۽ تعليقات.

## مرزا باقيءَ جو ارغونن کي فريب سان قتل ڪرائڻ

مرزا باقيءَ جي تخت نشيني کان پوءِ، ارغون هوريان ڏاڍيان پاڻ ۾ ھڏي ڪري، متس لشڪر چاڙهي آيا ۽ ڪيس ڌمڪايائون ته جيڪڏهن مرزا شاهه حسن جو خزانو اسان جي حوالي ڪرين ٿو ته واهه نه ته اڄ توکي ڌرتيءَ داخل ٿيڻو پوندو. جڏهن هنن جي انهيءَ ارڏائيءَ آڏو ڪو حيلو بهانو هلندو نه ڏٺائين، ته انڪل ڪري ڪائڻ مهلت گهري وعدو ڪيائين، ته فلاڻي ڏينهن سڄو خزانو اوهان کي ورهائي ڏتو ويندو.

ارغونن سان جنهن ڏينهن جو وعدو ڪيل هو، تنهن ڏينهن مرزا باقيءَ پنهنجي خاص ماڻهن حبش خان، شيرنگ خان، ملا صالح ۽ ٻين کي سمجهائي تيار ڪري ڇڏيو، ته اوهان مان هرڪو ۾ چار بهادر ۽ آزمودي ڪار جنگي جوان ساڻ ڪري تهخاني ۾ وڃي لڪي ويهي رهي ۽ قاضي خميسو الڳ پنهنجو ڪٽڪ وٺي ديوان خاني ۾ موجود هجي. اهو انتظام ڪري پاڻ وڃي ديوان خاني جي انهيءَ ڇڄيءَ هيٺان بيٺو، جتان ماڻهن کان سلامي وٺندو هو. جڏهن سڀڪجهه ٺيڪ ڏسي دلجاءِ ڪيائين، ته واڪو ڪري خزانچين کي چوڻ لڳو: خزاني جون سڀئي پيٽيون [١١٣] ڪڍي اچو، انهن ۾ جيڪو اڇو ڪارو مال (سون چاندي) موجود آهي، هڪ ٻئي مٿان ڍڙو ڪري ڇڏيو!

پوءِ ارغون جيئن اچي ڪاني ڪڍي ويٺا، ته انهن ڏانهن منهن ڪري چيائين: اوهان جو جهيڙو ختم ڪرڻ لاءِ مون خزاني تان دل کڻي ڇڏي، جنهن جي ڪري ٻاٻرن سان دشمني ڪرڻي ٿي پوي، هاڻ سڀئي ننڍا وڏا ميڙي اچو ته اهو خزانو (جنهن اوهان ۽ اسان ۾ دشمني پيدا ڪئي آهي) ورهايو وڃي.

اهو سڌ پڌي آجل رسيل ارغون، مال سيڙڻ جي هيچ ۾ چور ٿيي پنهنجن ويسن وڳن ۾ ڀهڪندا ۽ ڪچي گهوڙا ڪُڏائيندا، قاضي خميسي وٽ اچي ديوان خاني ۾ گڏ ٿيا. مرزا باقي مٿان چڇهريءَ سان اهو تماشو ڏسندو ۽ مشڪندو رهيو، دل ۾ پئي چيائين اجهو ٿي سندن عاقبت پڌري ٿئي.

جڏهن سڀئي ارغون هڪڙي هنڌ ڪٺا ٿي چڪا ته مرزا باقيءَ مٿان چوائي موڪليو: هن وقت جڏهن اوهان سڀئي هتي اچي گڏ ٿيا آهيو ۽ خزاني جي ورهاست ۾ به ڪا دير ناهي ته آءٌ اڪيلي سر هتي ويٺو آهيان، توهان به مٿي هليا اچو، جيئن خزاني ورهائڻ کان پوءِ قسم ساک تي هڪ ٻئي سان عهد انجام ڪريون ته آئندي اسان سڀئي هڪ ٻئي جا پائر ٿي رهنداسين.

ارغون پنهنجي سياءُ موجب آڪڙ ۾ ڦونڊجي مرزا باقيءَ کي هيچ سمجهي ۽ هيڪل ڏسي، ائين مٿي چڙهي ويا جڻ چوُ ته هڪيا تڪيا غسل خاني ڏانهن ٿي ويا. جڏهن مرزا باقيءَ اڪيان ڪَنرو ڪري ويٺا ته وري چوڻ لڳو: مون پاڻ کي اڪيلو ۽ بي وسيلو ڄاڻي خزاني تان ارواح ڪٽي ڇڏيو آهي [۱۱۴]، جيڪڏهن اوهان وانگي منهنجا ڪي سڱا پائر هجن ها ته خدا جو سُنهن آءٌ ڪنهن کي به ڪاري پائي نه ڏيان ها. هن مهل هي خزانو ورهائي اوهان کي پنهنجو پُٽُ بڻائڻ ٿو چاهيان. پاڻ چڱيءَ طرح اهو ڄاڻي سگهو ٿا ته هي ڏينهن به ڪهڙو نه سدورو ۽ سڀاڳو ڏينهن آهي، هيءَ زر وري اهڙي ندوري، نياڳي شيءِ آهي، جو پيءُ کي پٽ سان ته پُٽُ کي پاءُ سان ويڙهائيندي دير نٿي ڪري! اهو خيال ايندي منهنجو ساهه مُٺ ۾ اچي ٿو وڃي، سو توهان جي اجازت سان آءٌ هتان اٿي وڃي پريرو ٿو ويهان، مٿان گوڙ گهمسان ۾ مون تي ڪا مصيبت نه نازل ٿئي! اهو چئي پاڻ اٿيو ۽ نوڪرن چاڪرن کي سڏ ڪيائين ته خزاني جي ورهاست شروع ڪئي وڃي. هنن اڃا

هن اولياء جي قتل جو پورو قصاص ورتو وڃي [١٢٥]؛ جيڪو اسان جي حڪومت ۾ اسان وانگي ئي حڪومت هلائيندو ٿي رهيو.

اها خبر ڪنهن کي به نه پئي، ته هن (مرزا باقي) سيڪجهه پاڻ ڪري ڄاڻي واڻي ان جو ڏوهه ٻين تي مڙهي رهيو آهي. انهيءَ چڪر جاري ڪرڻ کان پوءِ مڪر ڪري اهڙو، ته اچي روئڻ ۾ چنتڪيو، جو ماڻهن مٿس وسهندي اصل حقيقت ئي وساري ڇڏي ۽ اهو معاملو اتي ئي لٽي مٺي ٿي ويو.

انهيءَ کان پوءِ مرزا باقي وري شيخ عبدالوهاب پورانيءَ جي مارڻ جا پٺيان پچائڻ لڳو، جيڪو پڻ انهيءَ درجي مان هو. هن جي مهرباني گهڻي قدر مشهور هئي. ٻاهرين ملڪن مان جيڪي به معزز ماڻهو سمنڊ رستي لاهري بندر وٽان لهي، ٺٽي شهر ۾ ٿي آيا، ته شيخ عبدالوهاب حاڪمن وانگي انهن جي آجيان ۽ ٽهل ٽڪور ۾ سندن سواري، سامان ۽ خوراڪ کان وٺي رهائش تائين سڄو انتظام پاڻ ڪندو ٿي رهيو. مرزا باقيءَ جو خيال هو، ته شيخ عبدالوهاب کي ائين ڪرڻ بدران اهڙا ماڻهو وٽس ڏياري موڪلڻ کپن. اها ئي ڳالهه هئي، جنهن تي هن انهيءَ بزرگ کي به مارائڻ تي گهريو ۽ پر مرزا باقي اهو وساري ڇڏيو هو، ته انهيءَ ئي شيخ عبدالوهاب سندس حڪومت جي ڪيتري قدر حمايت ڪئي هئي.

شيخ عبدالوهاب اهو شخص هو، جنهن کي مرزا شاهحسن ارغون کان وٺي هيلتائين جيڪي به جاگيرون ملي چڪيون، تن جي سموري آمدني خدا جي راهه ۾ خرچ ڪري ٿي ڇڏيائين [١٢٦]. گهوڙا ۽ قيمتي لباس انهن کي ٿي ڏنائين، جيڪي سندس خيال ۾ ڪانئس وڌيڪ حاجتمند هئا، اهڙيءَ ريت ڪا به شيءِ پاڻ وٽ نه رکندو هو، بلڪ گهوڙي تي سواري به ڪونه ٿي ڪيائين.

ان تي انهن ساڻهن سان هڪ وڏي ڇمار واري شخص چيو: ڇوڪرن جيڪا ڳالهه ڪئي آهي، سا بلڪل سچي سمجهڻ کپي؛ هي اَن ماڻ جي مهر آهي، جيڪا پنهنجي پيٽ ڄائي اولاد کي مصيبت ۾ ڏسڻ نٿي چاهي ۽ سندس آنڊا جوش ۾ اچي اوهان جي پيرن ۾ ڇنبڙي پيا آهن، جيئن انهن کي ڪا تڪليف نه پهچي سگهي.

مرزا باقيءَ جي انهيءَ سمجهاڻيءَ کان پوءِ سڀئي امير ادب سان چوڻ لڳا: اوهان جيڪي چيو، تنهن تي اسان سواءِ شرمساريءَ جي ٻيو ڪو جواب پيش ڪري نٿا سگهون. هر ڪنهن کي پنهنجي عقل مطابق ٺي ڳالهه ڪرڻي پوي ٿي.

انهيءَ زماني ۾ محمود خان ڪوڪلتاش بکر کان تڪڙو پيغام ڏياري موڪليو ته: اڪبر بادشاهه پاران مجاهد خان پنجاهه هزار سوارن جي ڪٽڪ سان اسان تي چڙهائي ڪري آيو آهي ۽ اجا تائين جنگ هلي پئي، اسان لاچار ٿي پوئتي هٽندا اچي قلعي اندر بند ٿي ويٺا آهيون، جتان ٻاهر نڪرڻ ڏاڍو ڏکيو پيو لڳي. جيڪڏهن توهان اسان کي ڪاٺ خوراڪ جو سامان پهچائي سگهو، ته دير نه ڪريو جو هن مهل اوهان دوستن جي مدد جي سخت ضرورت محسوس ٿئي ٿي؛ ٻيو ته پنهنجو لشڪر به جلد هيڏانهن روانو ڪريو، ته جيئن اسان جو ڪو بچاءُ ٿي سگهي، ٻيءَ صورت ۾ جيڪڏهن اوهان ساٿ نه ڏنو، ته شاهي لشڪر هي قلعو اسان کان هٿ ڪري، وري اوهان تي ڪاهي ايندو!

مرزا باقي پنهنجي ڪچهريءَ ۾ ويٺل اميرن کي اهو احوال ٻڌائي چوڻ لڳو: هڪ طرف اسان جو پاڙيسري محمود خان ته ٻئي پاسي اڪبر بادشاهه آهي. اسان پاڻ انهيءَ ڳڻتي ۾ آهيون، خدا ڪري شل اها آفت اتان ٿي وري اچي اسان تي نه ڪڙڪي، جيڪڏهن ائين ٿيو، ته اسان جو الائي ڪهڙو

ٺورن ڏينهن کان پوءِ اڪبر بادشاهه طرفان هڪ ايلچي مرزا باقيءَ وٽ ڪبوترن جون ڪي جوڙيون ڪٺي اچي پهتو ۽ ڪيس شاهي فرمان به پهچايائين. مرزا باقي، پنهنجي ماڻهن کي سڏائي ڪانئن پڇڻ لڳو: اوهان سمجهو ٿا، ته بادشاهه سلامت اهي ڪبوتر ڇا جي لاءِ موڪليا آهن؟ هنن چيو: اوهان اسان کان وڌيڪ سڄاڻ آهيو، جيئن سمجهو ۽ اسان کي به سمجهايو، ته پاڻ به ان تي عمل ڪريون! مرزا باقي چيو: بادشاهه سلامت اسان کان هنن ڪبوترن جي لاءِ داڻي جي گهر ڪئي آهي، پر پاڻ وٽ ته اهڙي ڪابه شيءِ ڪانهي. خير جيڪي حال مطابق هوندو، سو شاهي دربار ڏانهن آماڻيو ويندو.

جڏهن شاهي ايلچي وڃڻ لاءِ موڪلائڻ آيو، ته ڪوٽيءَ (نيلوفر) جو ٻج، جنهن کي ٿاپو سڏيو وڃي ٿو (١) ۽ ڪين ٻين گاهن جا ٻج، جيڪي ڏڪار ۾ مسڪين ماڻهن لاءِ ڏڪ جو ڪم ڏيندا آهن، ڪيس گڏيل ٻڌائي پنهنجي عريضيءَ سان گڏ بادشاهه جي خدمت ۾ ڏياري موڪليائين. انهي عريضيءَ ۾ پنهنجي عاجزي ۽ مسڪيني ڏيکاريندي لکيو هئائين، ته بادشاهه سلامت اسان ڏانهن ڪبوتر موڪلي، جڻ جهرڪيءَ کي باز جو رتبو بخشيو آهي، پر اسان بدقسمتيءَ سان انهن جي داڻي پاڻيءَ لاءِ گهٽيءَ ۾ پئجي ويا آهيون، ڇو ته هن ملڪ ۾ هوندي به اناج جي اٽاٽ رهي ٿي ۽ هتي جيڪي ڪجهه پيدا ٿئي ٿو، سو شاهي ڪبوترن جي خوراڪ لائق ناهي، تنهن هوندي به حال سارو جيڪي ورهه جا داڻا پاڻ وٽ لڀي سگهيا، اهي شاهي حضور ۾ پيش ڪجن ٿا، اسيد ته هن کان پوءِ [١٣٨] به اسان کي خاص عنايت سان نوازيو ويندو، جيئن هن ويران (پڙپانگ) هنڌ تي رهندي پريشان ٿيڻ جي ڪا حاجت درپيش نه اچي.

---

(١) ڏسو حواشي ۽ تعليقات.

پنهنجي ماڻهن کي سيوهڻ پاسي ڇڏي، پاڻ مرزا باقيءَ وٽ وڃي حاضر ٿيا، جنهن هنن کي ڏاڍي عزت ڏني [١٤٨] پنهنجي مهربانين سان نوازيو.

اهڙيءَ ريت مرزا باقيءَ سيوهڻ تي مرزا پائنده بيگ ۽ مرزا جاني بيگ کي مقرر ڪري پٺين پُٽ مرزا شاهه رخ ترخان کي نصرپور جو حاڪم ڪري رکيو ۽ شيرعلي ڪوڪيءَ کي هن جو وزير مقرر ڪيائين. چاچڪن ۽ بدين واري سرڪار وري پنهنجي ٽئين پُٽ مرزا محمد مظفر ترخان جي حوالي ڪري، ان جو وزير علي‌خان کي ڪيائين، جيڪو شاعر هو ۽ سندس غزل جو هي شعر گهڻو مشهور آهي:

اي علي‌خان رَو نڪوئي ڪن ڪ بعد از مرگ تو—
تابگويندت ڪ اين مسڪين برحمت در گذشت

اي علي‌خان چڱائي ڪر ته، جيئن تنهنجي مرڻ کان پوءِ هرڪو ائين چوي، ته هيءَ ويچارو خدا جي رحمت سان ويو.

ان کان پوءِ نيرون ڪوٽ تي، جتان جا رهاڪو سرڪاري ڍل ادا ڪرڻ کان انڪار ڪندا ٿي آيا، مرزا محمد زمان ترخان کي حاڪم ۽ قاسم علي سلطان کي وزير مقرر ڪيائين. ٽئي وارو صوبو لاهري بندر کان وٺي نار ۽ ڪڪرالي تائين جتي سما، ڏل ۽ لانگاهه رهندا ٿي آيا، جن هڪ طرف ساموندي ڌاڙيلن جو ڪردار ادا ٿي ڪيو، ته ٻئي پاسي ٽئي تي به ڪاهيندا ٿي رهيا، خاص ماڻهن جي حوالي ڪري، سڄي ملڪ کي اهڙي ضابطي هيٺ آندائين جو هڪ هفتي جي اندر جيڪڏهن ڪنهن به صوبي سان هن وٽ ڪابه ڪارگذاري پوري وقت تي نٿي پهتي، ته آتان جي وزير کي قتل ڪرائي ڇڏڻ جو حڪم جاري ٿي ڪيائين. ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پنهنجا جاسوس پکيڙي ڇڏيا هئائين، جيڪي سندس پُٽن ۽ انهن جي وزيرن بابت سڄيون خبرون کيس رسائيندا ٿي رهيا. نه رڳو ايترو،

مون کي هن واقعي جي ڪابہ خبرچار ڪانهي،
نہ و ري اهو پتو آهي، تہ هيءَ مصيبت ڪنهن
اوهان تي آندي، پر توهان زوريءَ مون کي
ماڻهن جي روبرو قتل جو ملزم بڻائڻ جي
ڪوشش ڪري رهيا آهيو! اوهان جي وفات
ڪان پوءِ خبر ناهي، تہ منهنجو الائي ڪهڙو
حشر ٿيندو؟

جيڪي ماڻهو آتي موجود هئا، تن کي مرزا باقيءَ تاڪيد ڪيو تہ: اوهان شاهد رهجو، جيئن منهنجي مرڻ کان پوءِ ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي منهنجي قتل جي ڏوهہ ۾ نہ پڪڙيو وڃي! اها ڳالهہ منهنجي پٽن ۽ ٻين حاڪمن کي بہ ٻڌائي ڇڏجو تہ اسان پاڻ کي پاڻ قتل ڪيو آهي. ان ۾ ٻئي ڪنهن جو بہ هٿ ڪونهي. اهي اکر چئي بس ڪيائين، تہ رات جي پوئين پهر ۾ سندس پساهہ پورا ٿي ويا (٢).

پاڻ سڀڪجهہ مٽيءَ مٿان ڇڏي، حڪومت جي
گادي پوين جي لاءِ رهائي ويندو رهيو.

اها خبر واءُ وانگي جيڏانهن ڪيڏانهن پکڙجي وئي. شهر کان قلعي تائين جيڪو بہ ماڻهو هو، رڙيون ڪري روڄ ۾

٢) مرزا باقيءَ جي مزار تي لڳل ڪتبي مان سندس وفات جي تاريخ ن ربت ملي ٿي.

رزا محمد باقي ولد مرزا عيسيٰ ترخان ڇنڇر ٨- شوال ٩٩٣هہ طابق ١٥٨٥ع ۾ وفات ڪري ويو.

زغيب آمد ندا، تاريخ او گفت
ڪ کوئي سرور سردار باقي.

لب تاريخ سنڌ ص ٨٦ -مترجم

اچي هيڪاندا ٿيا. جن ماڻهن جي باري ۾ اڳواٽ ئي راءِ زني ٿي چڪي هئي، تہ اهي ئي قتل جا ملزم آهن، تن سڀني کي بہ پُڇڻي بنديخاني پيڙو ڪيو ويو. ان سان گڏ دستوري طرح نئين حاڪم چونڊڻ جون ڳالهيون شروع ٿي ويون. خليل سهردار، خسرو خان چرڪس ۽ ٻين ماڻهن ملا محمد فراضي، شمس الدين سلطان ۽ آخوند جمال الدين ميڙني گڏجي صلاح ڪئي، تہ مرزا باقيءَ جي پُٽ مرزا محمد مظفر ۽ مرزا محمد پائنده بيگ مان ڪنهن هڪڙي کي جيڪو لائق هجي، هتي گهرائي[١٥٥] حڪومت جي گاديءَ تي ويهاريو وڃي.

پهريائين فيصلو ٿيو، تہ مرزا مظفر کي بدين صوبي مان گهرائي گاديءَ تي ويهارجي؛ پر جيئن تہ هن جي ساءِ ڪيچ جي جاڙيجن سمن مان هئي، تنهن ڪري انهيءَ خوف کان تہ ستان سڀائي راجپوت، جن جو سدائين جهيڙي جهٽي ۾ منهن آهي، هتي اچي مرزا مظفر جي زور تي، پنهنجا پير ڪُپائي ساڳين سڄو ملڪ نہ ڦٻائي ڇڏين. جيڪڏهن ائين ٿيو، تہ پوءِ سنڌ مان مغلن جي پاڙ ئي پٽجي ويندي. نيٺ هٺندي مارينديءَ ڳالهہ اچي مرزا پائنده بيگ تي بيٺي، جيڪا سڀني کي پسند آئي؛ پر اهو (مرزا پائنده بيگ) بہ دماغي خرابيءَ ۾ مبتلا هو، جنهن تي وري چوڻ لڳا، تہ انهيءَ چريءَ کان ڪوبہ ملڪي مسئلو حل نہ ٿي سگهندو. نيٺ اها صلاح ٿي، تہ مرزا پائنده بيگ ڀلي نالي ماتر ملڪ جو حاڪم هجي، باقي سمورا ملڪي مسئلا سندس پُٽ مرزا جاني بيگ جي حوالي رهن! انهيءَ نبيري کان پوءِ مرزا باقيءَ جو لاش دفنائي، مرزا جاني بيگ ڏانهن سيوهڻ قاصد آماڻيو ويو، تہ جيڪڏهن ماني تنهنجي اڳيان رکي هجي، تہ اها ڇڏي هتي اچي پهچ! جو اِن کان وڏيڪ تنهنجي لاءِ هتي ماني تيار آهي؛ پر جي ننڊ ۾ هجين، تہ بہ سجاڳ ٿي هيڏانهن اچڻ جي ڪر، جو تنهنجي ڀاڳ

۽ ٻين قومن وارا رهن ٿا، جن جو دنگ ڪيچ مڪران تائين آهي. هيڏانهن وري درياهه جي اورئين پاسي کان عمرڪوٽ جي پٽن تائين سميجن جا علائقا آهن، جن ڪڏهن به ڪنهن حاڪم جو منهن ڪونه ڏٺو آهي. ان حالت ۾ هتان ٻنهي پاسن کان لشڪر جو اڳتي وڌڻ ڏاڍو ڏکيو هو. اهي حقيقتون ڪجهه پنهنجي اکين سان، ته ڪجهه آتان جي ماڻهن واتان ٻڌي، خان خانان ويتر حيران ٿي ويو. دل ۾ چيائين: جيڪڏهن مرزا جاني بيگ جو لشڪر هن جاءِ تي اسان جا گهٽ سوگها جهلي لڪي ويهي رهي ها، ته اسان اتان ئي پويان پير ڪري واپس هليا وڃون ها. بيشڪ هي اوکو ۽ اڻانگو لنگهه هن ملڪ جو ڳجهو دروازو آهي!

اتي ئي ٿورو ترسي، چوڌاري جاچ ڪرايائين، ته متان ڪٿي ڪنهن ڪُنڊ پاسي مرزا جاني بيگ جو لشڪر تاڙ ۾ ويٺل هجي، ته اول انهيءَ سان هٿا هٿ ڪري، پوءِ ئي جو گس ورتو وڃي. جاچ کان پوءِ جڏهن خبر پيس، ته مرزا جاني بيگ جي لاپرواهيءَ کان هن پاسي ڪوبه لشڪر لاڙي موجود ناهي، ته ڏاڍو خوش ٿيو ۽ واڪو ڪري چوڻ لڳو، ته اهڙي افعالين اجهو ٿي ترخانن گهراڻي جي حڪومت ختم ٿئي، جو ته جبل جهڙو هي سوڙهو ۽ سوگهو گهٽ به هنن کان سنڀاريو نه ٿيو، هاڻ پڪ آهي ته هي ملڪ هنن جي هٿان ويو ڪي ويو.

اها روداد جڏهن مرزا جاني بيگ تائين رسي، ته پنهنجي تدبير خطا ٿيڻ کان ڏاڍو پڇتايائين. جيڪي امير وزير وٽس موجود هئا، تن کي به ڏاڍو ڏک ٿيو، ته واقعي سپاهيگريءَ جي لحاظ کان اها سنڌن وڏي ۾ وڏي ڀل هئي، جا کانئن سرزد ٿي چڪي. خانخانان جبل پار ڪري، پنهنجي مرضيءَ سان هلندو مرزا جاني بيگ تائين آيو ۽ سنڌس مقابلي لاءِ سامهون اچي ڪاهيون ڪونائي[١٢٨] انهن ۾ پيو جنگي سامان

خان خانان جي پاران بدين ۽ چاچڪن جي پاسي جيڪي منصبدار مقرر ٿيل هئا، انهن به آتان جي اميرن ۽ اربابن کان اطاعت قبول ڪرائي ورتي. جڏهن هر هنڌ هن جا ڪارندا ڪامياب ٿيا [١٩١] ۽ مرزا جاني بيگ کي به پتو پوندو رهيو، تہ پنهنجي مهم ۾ هر قسم جون ڪمزوريون، ڪوتاهيون ڏسندي دل سَن هٿ لڳو. ايتري ۾ ڪيس پنهنجي پيءُ مرزا محمد پائنده بيگ ۽ پٽ مرزا ابوالفتح جي موت جي خبر ملي، تنهن ويتر هن کي جهوري ڇڏيو. ٺٽي پاسن کان خان خانان جو مشس گهيرو هو، جنهن مرزا جاني بيگ جي اندر ٻاهر اچ وڃ جا مڙئي رستا روڪي ڇڏيا هئا. سندس لشڪر وٽ سواءِ پنهنجي رت پيئڻ جي ٻيو ڪي بہ نہ رهيو هو. وٽس جيڪي وهٽ هئا، اهي بہ گاهہ پٽي نہ هٿ ڪري، هڪٻئي پويان مرندا ڪپندا ويا.

ملڪ ۾ ايڏي سُڪائي ڪاهي پئي جو ڪنهن بني بشر جي گهران ٻاهہ جو دونهون ڪونہ ٿي نڪتو، جنهن مان اهو اندازو لڳائي سگهجي، تہ هتي بہ ڪي آن جا داڻا رڌا پيا وڃن، پر توبن ۽ بندوقن مان دونهن ۽ باهين جا دوڏاڻ پئي نڪتا. آناج تہ رهيو پنهنجي ماڳ، ماڻهن کي لوڻ جي لَپ بہ ڪٿان هٿ نٿي آئي. ماني جنهن جو نالو، سا جان کان وڌيڪ ليکي ٿي وئي. حڪومت جا خزانائي خالي ٿي ويا. آڻي باقي ڪن ماڻهن وٽ وڃي ڪجهہ سون بچيو هو، جنهن مان سڀ پورت ڪئي ٿي وئي.

اهڙي موتمار ڏڪار ۾ آفرين بلڪ هزار آفرين [١٩٢] هجي مرزا جاني بيگ جي همت، بردباري، بهادري ۽ سخاوت تي، جيڪو پنهنجي پيرن تي پورو بيٺو هو، هوڏانهن جنگ جي نوبت ايستائين وڃي پهتي، جو خان خانان جو لشڪر مرزا جاني بيگ واري ڏر کي ويجهو پوندو ويو، پنهي لشڪرن

چڱائي آهي. آخر صلح جون ڳالهيون هلي پڪي پايي تي پهتيون. ٻنهي ڌرين هڪٻئي ڏانهن دوستيءَ جا تحفا ڏياري موڪليا، ٻنهي پاڻ کان اهو به فيصلو ڪيو، ته هڪٻئي جا سپاهي دلين مان ڪدورت ڪڍي، دشمني بدران دوستيءَ جو رستو اختيار ڪري، پاڻ ۾ ملي هڪ ٿي وڃن [۱۹۵]. جڏهن سڀ خوف خطرا دور ٿي ويا ۽ جنگ جو امڪان ئي نه رهيو، ته هرڪنهن لاءِ ڄڻ عيد ٿي وئي، جن کي پنهنجي عزيزن قريبن جي موت جو غم هو، سو انهيءَ خوشيءَ ۾ ختم ٿي ويو.

خان خانان جا ماڻهو هر صوبي ڏانهن روانا ٿي ويا. مرزا جاني بيگ به هر صوبي جي حاڪم ڏانهن لکيو، ته آتان جي قلعي جون ڪنجيون انهن جي حوالي ڪري پاڻ واپس ونس (مرزا جاني بيگ ڏانهن) هليو اچي. سڀ کان اول سيوهڻ وارو قلعو خان خانان جي ماڻهن، مرزا جاني بيگ جي ماڻهن کان هٿ ڪيو. جتي به خان خانان جو زباني شاهي فرمان پهتو، آتي ان جي پوئواري ٿيڻ لڳي. مرزا جاني بيگ ٺٽي ڏانهن روانو ٿيو، ته خان خانان به سندس پويان هلندو آيو. جڏهن ٻئي جوئبار(۱) وٽ پهتا، جيڪو (جاگراني جي لحاظ کان) سنڌ جو دڙن آهي، تڏهن فيصلو ٿيو، ته ٻئي سربراهه پاڻ ۾ ملاقات ڪري، جنگ وارو بغض دلين مان ڪڍي ڇڏين ۽ هڪٻئي سان روبرو ٿي دوست بڻجي وڃن.

## خان خانان ۽ مرزا جاني بيگ جو پاڻ ۾ صلح ڪرڻ

خدا جي قدرت به عجيب آهي، جيڪا هڪ کي هار ته ٻئي کي سوڀ پلئه وجهي ٿي؛ هڪڙو پنهنجي گادي ڇڏي هيٺ لهي ٿو اچي، ته ٻيو اهائي گادي پنهنجي لاءِ والاري ٿو. انهي الاهي امر کان منهن موڙڻ جي ڪنهن کي به طاقت ناهي. هن بي پرواهه کي ڪنهن جي ڪاڻ ڪانهي، جيئن ٿو

(۱) ڏسو حواشي ۽ تعليقات.

وٺيس تيئن ٿو ڪندو رهي. ڪڏهن سليمان کي ڪيو ليءَ کان وڌيڪ ڪمزور ٿو ڪري، ته ڪڏهن نمرود کي مڇر کان ٿو مارائي! هن جي حڪمت اڳيان ڪنهن به حڪيم کي هام هڻڻ جي مجال ناهي.

مرزا جاني بيگ، جيڪو پنهنجي ناداني کان هن ويراني (سنڌ) کي ڪا شيءِ سمجهي رهيو هو ۽ نافرمانيءَ وارو ڪم ڪندو ٿي رهيو، آخر انهيءَ نتيجي تي آيو ته جيڪڏهن جنگ هلي ته سندس عاقبت الاجي ڪهڙي ٿئي! ٻئي پاسي خان خانان سان به سندس پڄڻ محال هو. هاڻ ته ان جو هر حڪم ڪيس اکين تي رکڻو پوندو، پر دل ۾ چيائين: جيڪڏهن گهوڙي تي سوار ٿي وٺس ويس ته اها ڳالهه ڪيس پسند اچي يا نه ۽ جي پيرين پنڌ هلڻ جي ڪندس تڏهن به ڳالهه نه ٺهندي. پنهنجي عزت آبرو بچائڻ جي انهيءَ آسيد ۽ خوف کان سندس هيانو ۾ وڏي پوندا ٿي رهيا. نيٺ اهو وقت به آيو، جو ٻئي پنهنجي خاص ماڻهن سان لشڪر کان الڳ ٿي منهان منهن ٿيا. ڪن جو چوڻ آهي ته مرزا جاني بيگ گهوڙي تان لهڻ جي ڪئي پر خان خانان کيس جهليو ۽ ٻئي گهوڙن جي پٺيءَ تان ئي هڪ ٻئي سان مليا، پر اصل ڳالهه اها آهي ته مرزا جاني بيگ جيئن پنهنجي گهوڙي تان لٿو، ته خان خانان به پنهنجي گهوڙي تان لهي آيو، ٻئي هڪ ٻئي سان ملي پاڻ ۾ ڪچهري ڪرڻ لڳا. ٿوري دير کان پوءِ اهو فيصلو ڪري هڪ ٻئي کان موڪلايائون ته مرزا جاني بيگ تغرل آباد جي قلعي ڏانهن هليو ويندو ۽ خان خانان ٺٽي جي شهر ۾ داخل ٿي، ماڻهن تي هٿ ڦير ڪري سندن دل وٺندو، جيڪي جنگ دوران دربدر ۽ خاڪ بسر [١٩٧] ٿي چڪا

هئا. ان کان پوءِ پنهنجي خان خانان ۽ مرزا جاني بيگ کي گڏجي اڪبر جي دربار ڏانهن روانو ٿيڻو پوندو.

جڏهن هي سڀ انتظام ڪري فارغ ٿيا، تہ خان خانان پنهنجي جاءِ تي دولت خان لوڌيءَ (١) کي هتان جو حاڪم مقرر ڪري، مرزا جاني بيگ سان گڏ اڪبر جي دربار ڏانهن روانو ٿيو.

خان خانان سڄي واٽ پنهنجي ڪيپ ڪنڻ جي خوشيءَ ۾ ايڏو تہ مسرور پئي ٿيو، جو سندس هڪڙي واڇ ٻي واڇ سان نہ پئي مليي. پنهنجي مٿرڪ ۾ گل کان بہ گوءِ کٽي تي ويو. مرزا جاني بيگ جنهن پنهنجي پيءُ مرزا محمد پائنده بيگ مرحوم کان پوءِ ٻارهن ڏينهن بہ مس حڪومت ڪئي (٢)، ملڪ پنهنجي هٿان وڃائي نهايت غمگين حالت ۽ ڦٽيل دل سان رت جا ڏڪ پريندو ٿي ويو. ڪيس هاڻ انهيءَ ڳڻتيءَ تي ڳاريو، تہ هتي هيءَ حالت ٿي چڪي آهي، تہ اڳتي وري الائي ڇا ٿي رهندو! نيٺ پنهنجي ۽ ملڪ جي ڀلائي همايون بادشاهہ جي انهيءَ فرمان ۾ سمجهيائين، جيڪو سندس وڏن کان وٽس موجود هو.

بادشاهہ وٽ پهچڻ کان پوءِ مرزا جاني بيگ تي اهي نوازشون ٿيون، جو سندس خواب خيال ۾ بہ نہ هيون [١٩٨].
خان خانان جي سفارش هن جون مڙئي خطائون معاف ڪرائي ڇڏيون. همايون بادشاهہ وارو جيڪو فرمان هن وٽ هو، تنهن ڪيس ۽ سندس ملڪ کي آمان ڏياري. بادشاهہ حڪم ڪيو تہ سنڌ سواءِ لاهري بندر (ديبل بندر) ۽ سيوهڻ صوبي جي جيڪي مضبوط ۽ پناهہ وارا هنڌ آهن، مرزا جاني بيگ جي

---

(١) ڏسو حواشي ۽ تعليقات.

(٢) ڏسو حواشي ۽ تعليقات.

پيا سردار ۽ سلطان، بادشاهہ سلامت جي حڪم
تي هلي هرقسم جو عيش ڪندا رهن ٿا. جنهن
جو بہ شاهي دربار سان تعلق آهي، سو اهڙين...
ڳالهين کي ڪنهن بہ حالت ۾ خراب نٿو
سمجهي، سڀئي انهيءَ معاملي کي چڱو ڄاڻي،
پنهنجا اهل عيال هتي حاضر ڪندا رهن ٿا.

آخوند جمال وري خان خانان کي چيو:

مون مرزا جاني بيگ کي گهڻو ئي سمجهايو آهي، پر هو اها ڳالهہ مڃڻ لاءِ تيار ناهي، توهان پاڻ جيڪڏهن بادشاهہ جي ڏيان تي آڻيو، تہ نٽي کان لاهور تائين ست سؤ پنجاهہ (٧٥٠) ڪوهن جو پنڌ آهي ۽ نوروز ۾ باقي وجي ڪي مهينا بچيا آهن. مرزا جاني بيگ جي اهل عيال کي هيستائين آڻڻ ۾ گهڻو عرصو لڳي ويندو، ڇو تہ اهو پنڌ بہ ڪيترا مهينا وٺندو، تنهنڪري هن نوروز تي هن جو هتي پهچڻ مشڪل آهي، ليڪن اُن کان پوءِ واري نوروز تي (ايندڙ سال)، مرزا جاني بيگ جو اهل عيال، ڪنهن بہ حالت ۾ هتي پهچي قدمبوسيءَ جو شرف حاصل ڪري سگهندو.

اهو ٻڌي خان خانان آخوند جمال الدين جي ڏاهپ تي آفرين ڪندي چيو: بيشڪ سچ جو ڪو جواب ٿي نٿو سگهي، توهان جيئن هتي اهو سياڻپ وارو دليل پيش ڪيو آهي، تيئن ساڳي ڏاهپ سان مرزا جاني بيگ کي وڃي سمجهايو، تہ ڪابہ ڳڻتي نہ ڪري [٢٠١]، خدا گهريو تہ جهڙيءَ ريت پيون پريشانيون سندس دل تان دور ٿي چڪيون آهن، تيئن هيءَ مشڪل بہ آسان ٿي پوندي. آخوند جمال الدين اها خوشخبري مرزا جاني بيگ کي اچي ٻڌائي. ڏينهن ٻن کان پوءِ خان خانان بہ اها ڳالهہ اڪبر بادشاهہ تائين پهچائي. مرزا جاني بيگ جي اهل عيال گهرائڻ وارو حڪم لئي مٽي ڪرائي ڇڏيو.

لاءِ ڪوشش نہ ڪري ها، تہ اسان جيڪي ڪُڏا ڪم ڪيا هئا، تن جي اسان کي الائي ڪهڙي سزا ملي ها! شڪر آهي، جو خداوند ڪريم اسان کي هر طرح پنهنجي اسان ۾ رکيو.

خان خانان واقعي مرزا جاني بيگ جي مدد لاءِ پرپور ۽ ڪامياب ڪوشش ڪري، هڪ تہ سندس جان بچائي، ڪيس گهڻين مصيبتن مان ڇڏائي پنهنجي مرتبي ڏيکاري، جيئن ملا شڪيبي (١) خان خانان لاءِ لکيل ساقي نامي ۾، جيڪو بکر کان ڏياري موڪليو هئائين، اهي حقيقتون پيش ڪري [٢٠٣] بارنهن سؤ رپيا انعام حاصل ڪيو هو. جنهن ۾ هي بيت خاص ڪري وڏي اهميت رکي ٿو، جو مرزا جاني بيگ بابت آهي تہ:

همائي ڪ برچرخ ڪردي خرام،
گرفتي و آزاد ڪردي ز دام.

(هماءِ پکي "مرزا جاني بيگ"، جيڪو عرش تي پئي اڏاڻو، تنهن کي تو (خان خانان) هيڪر ڪوڙڪيءَ ۾ ڦاساني وري آزاد ڪري ڇڏيو).

سبحان الله! انهيءَ مردن واري مردانگي ۽ ڪريمن واري ڪرم جي ڪهڙي ساراهہ ڪجي، جنهن جو نالو نشان هميشہ لاءِ حڪومت جي عهد ۾ يادگار رهڻ وارو هجي! جيڪڏهن اهڙي عنايت واري نظر هن مسڪين (نسياني) تي بہ بادشاهہ سلامت طرفان ٿيڻ لڳي، تہ اها عنايت انهيءَ ملڪ گيري ۽ اهل نوازيءَ واري خصوصيت کان بہ وڌيڪ يادگار رهڻ لائق ليکي وڃي، بلڪ ائين ڪرڻ سان، شاهي سخاوت ۽ بلندهمتي وڏ ۾ وڏ واڪاڻ جوڳي ٿي پوي. خدا گهريو تہ هن دعاگوءَ جو بخت ضرور مددگار ٿيندو ۽ هيءُ عاجز پنهنجي حال مطابق، شاهي حضور مان فيض ياب ٿي رهندو.

---

(١) ڏسو حواشي ۽ تعليقات.

انهن ٿي ڏکن سُورن ۾ خزاني جيان زمين اندر جائيتو ٿي ويو.

خدا کيس پنهي جهانن ۾ سرخرو ڪري! جنهن جي رعايا جي خواهش سوجب هن حقير (نسياني) سندس درد ڀريو داستان ۽ نيڪيءَ وارو نلو نشان، جيڪو گهٽن ڪونه هئو هوندو، هن ڪتاب ۾ درج ڪري کيس هميشه لاءِ يادگار بڻائي ڇڏيو آهي.

اهو جواب ٻڌڻ سان جيتوڻيڪ پائيخان جي هيانوَ تي چنڊ پيو، تڏهن به پنهنجي پراڻي عادت موجب (جو ٻئي کي پاڻ جيڏو سمجهندو ئي ڪونه هو، ايتري قدر جو خود صاحبزادي مرزا غازي بيگ کي به ٻار ڪري ٿي ڀانيائين)، هڪدم چئي ڏنائين، ته مرزا غازي اڃا ڇوڪرو آهي، هن کي ملڪي معاملن جي ڪهڙي ڄاڻ! اهو ڪم ته اسان ماڻهن جو آهي، هن جي پيءُ (مرزا جاني بيگ) هُن سميت، سڄو ملڪ اسان کي سونپي ڇڏيو هو، انهيءَ خيال سان، ته اسان کي جتي به ڪا چڱائي ڏسڻ ۾ اچي، اُن مطابق عمل ڪندا رهون. هاڻ اهو ڪيئن ٿو مناسب ٿي سگهي، ته هو ملڪي معاملا پنهنجي اختيار ۾ آڻي ويهي رهي!

احمد بيگ وري پيهر ٺڏي سيني سان پائيخان کي سمجهايو، ته هيءُ ملڪ مرزا غازي بيگ جي ميراث آهي، اوهان جو اُن ۾ ڪو به واسطو ناهي، هو جنهن کي چاهيندو، تنهن کي ملڪي معاملن تي مامور ڪندو. ڪيس سڀڪجهه معلوم آهي، سياڻي جيڪڏهن ڪا چڱي مَتي ڳالهه ٿي، ته هو پاڻهي اُن جي سنڀال ڪندو. تنهن تي پائيخان خار مان چيو: پر سوال اهو آهي، ته هن اسان کي معزول ڪري، تو کي ڇو مقرر ڪيو آهي؟ احمد بيگ ورائيو: اهو ته خود مرزا غازي بيگ کان پڇبو وڃي، جنهن وٽان سڀ سڌ پئجي سگهي ٿي. سياڻپ جي ڳالهه اها آهي، ته هر ڪنهن کي پنهنجو مانُ مرتبو سڃاڻي اُن جي آڌر پير ڪڍڻ کپي.

اهي ڳالهيون هلنديون پائيخان مُولي خدمتگار کي سڏُ ڪيو، جو مرزا غازي بيگ جي نوازڻ سان دولت راءِ بڻجي چڪو هو. ڪيس چيائين، ته هي سڀ ڳالهيون وڃي مرزا غازي بيگ وٽ پهچاءِ! مولو ويو ته ٿوري دير کان پوءِ مرزا غازي بيگ اندران چوائي موڪليو: اسان پنهنجي ڪنهن به

ماڻهن، درحق جيڪي نهايت شريف ۽ وضعدار هئا، وظيفا ۽ روزينا جاري ڪيا، جن وري رٿيل منصوبي مطابق اصل رقم کان علاوه اضافي رقم جي رسيد به لکي ڏني. ان سان اصل رقم ته هرڪنهن کي ملندي رهي، پر اضافي رقم ديوان خاني تي چڙهي قرض رهندي آئي. جڏهن به مرزا غازي بيگ جا مخالف سندس آڏو ٿي آيا، ته پاڻ سڀئي ڳالهيون سندن اڳيان ٿي رکيائين ۽ کين [٢١٦] بڏائي ٿي ڇڏيائين، ته سرڪاري ڏيتي ليتيءَ ۾ هيءَ سموري رقم چڙهت ٿيندي رهي ٿي، جنهن جي باري ۾ اَءٌ ڪجهه به نٿو ڪري سگهان. اوهان کي اڳ ۾ ئي سڀ خبر هئي، ته هنن معاملن ۾ منهنجي چوڻ نه چوڻ سان ڪجهه نٿي وريو ۽ منهنجو ڪرڻ نه ڪرڻ ٻئي برابر هئا. توهان ائين پئي ڄاتو، ته سڀ اختيار منهنجي هٿ ۾ آهي، پر هاڻ جيئن اوهان کي سمجهه ۾ اچي تيئن ڪريو!

اهڙيءَ طرح مرزا غازي بيگ وڏي دانائيءَ سان پنهنجي دل تي سڀ ڪنهن سان سنمڪ ٿيندو رهيو. ٻئي پاسي سڀئي پراڻا پاپي لاجواب ٿي، گوڏن تي هٿ هڻندا رهيا. پنهنجن ماڻهن سان جيڪو به وس ٿي ويو، تنهن کي گهرج مطابق ٽن ڏينهن جي اندر سڀڪجهه ملي ٿي ويو. نتيجو اهو ٿيو، جو هرڪو هن ڏانهن رجوع ٿيندو ويو ۽ سندس ٿورن جي ڪري ڪو به پراڻن مخالفن ڏانهن ڪونه ٿي لڙيو. جيڪي ماڻهو ڪانئس الگ ٿي چڪا هئا، هڪ ئي سگهي ڌاڳي ۾ اچي سندس مطيع ٿي ٿي ويا. رهيو کهيو جيڪو به ڏوهه محسوس ڪيو ٿي ويو، سو وڃي مخالفن جي سِر تي پيو. مرزا غازي بيگ به انهن سان هرهڪ کي اهڙو خوار خراب ڪيو، جو هو پنهنجي پرائي، سڀني جي نگاهن ۾ اچي، اڪيلا رهجي ويا.

آخرڪار نئين فصل جي پيداوار لٿي، جنهن جو حساب ڪيو ويو، ته اضافي واري رقم جا خود سرڪار مٿان ڪيئي لک چڙهي ويا، پراڻا مخالف پنهنجي دشمنيءَ کان انهيءَ

جيڪڏهن ابوالقاسم رات وچ ۾ اسان تي ڪا چڙهائي ڪئي، ته ڪو به ساڻس منهن ڏئي نه سگهندو. خود مرزا غازي بيگ جي سپاهين جي اها حالت هئي، جو هلڪي سلڪي ڳڙڪي تي چرڪ پئي هڪ ٻئي جي مٿان ٿي ڪرِيا؛ پر ابوالقاسم کي اهڙو ريچڪ نه جاڳيو، ان ڪري هو هن پاسي نه آيو. مرزا غازي بيگ جيڪو ڏسڻ ۾ ننڍو، پر وڏي ڏيا وارو هو، تنهن جا اونڌا ڪم به سنوان پئي ٿيا، مڙئي ڀاڳ جي ڳالهه آهي. هيءَ پنهنجي ڪٽڪ سان منزلون هڻندو، جڏهن نصرپور ۽ ڪاتيار جي ڪوٽ تائين پهتو، جتي وقت جا ڪيئي بزرگ آرامي آهن، ته ابوالقاسم اڌ رات جي وڳڙي ۾ پنهنجا ڪي سورهيه جوان ساڻ ڪري سندس ڪٽڪ جي ويجهو اچي واڪو ڪري چوڻ لڳو: فلاڻو (ابوالقاسم) اوهان کي دعا سلام پيو رسائي ۽ پڇي ٿو، ته اوهان ڪهڙي نيت سان هتي آيا آهيو؟ توهان کي خبر هئڻ کپي ته ابوالقاسم اهڙو وڙان ويل ڪونهي جو اوهان جي ڪٽڪ کان هيسجي اوهان تي راتاهو هڻندو! هيلتائين هن انهيءَ ڪري اوهان تي ڪا چڙهائي نه ڪئي آهي، جو چاهي ٿو ته سڀاڻي ڏينهن ۾ جنگ جو ميدان اوهان جي رت سان رڱيو وڃي چوته مڙس ان کي چئبو آهي.

مرزا غازي بيگ جي پاسي کان کيس جواب مليو: ابوالقاسم! تون ته پاڻ ئي پنهنجي جان جو دشمن ٿي پيو آهين، جيستائين پنهنجو خانو خراب نه ڪندين تيستائين توکي قرار نه ايندو. اهي ڳالهيون هلنديءَ سواريءَ ۾ ٿينديون رهيون، تان جو مرزا غازي بيگ جو لشڪر وڃي شاهه ڳڙهه واري قلعي تائين رسيو. اتي ئي منزل ڪري ساٿين کي حڪم ڏنائين ته هڪدم توبون تيار ڪري، قلعي جون سيرون اکيڙي، ان کي ڌرتيءَ برابر ڪيو وڃي. پوءِ [٢٢٧] پاڻ به قلعي تي گهيرو ڪري، ان جي برجن (ڪنگرن) تي توبن ۽ تيرن جا وسڪارا لائي ڏنائين. روزانو سندس جنگي جوان قلعي جي وڏي دروازي تي

مرزا غازي بيگ جيئن اڪي ئي رتي چڙهيو هو، حڪم ڏنائين، تہ جتي آهيو اتي ئي ٻاهہ جو مچ ٻاري، لوهيون سيخون تپائي، ابوالقاسم جي اکين ۾ [٢٣٢] گهمائي، ڪيس انڌو ڪري ڇڏيو. گهڙيءَ اندر حڪم جي پوئواري ٿي وئي ۽ ابوالقاسم اکين جي نور کان نيرهم ٿي ويو. جيڪو ماڻهو اهڙا ڪمڏا ڪم ڪري، جنهن جو خدا ۽ رسول جي حڪم احڪام سان ڪو بہ واسطو نہ هجي، تہ غنيم جي وڙ چڙهڻ کان پوءِ سندس حشر اهوئي ٿئي ٿو. هن کي اکين کان انڌو ڪري، پيرن ۾ پيڪڙا وجهي خوب جڪڙي، سندس سپاهين کي اطلاع ڏنو ويو، تہ ساٿس هيءَ تعدي ٿي چڪي آهي. سپاهين هن جي سياست جو چرخو اونڌو ڏسي وٺ، ساسان، پٺا ڏوڪڙ، اناج ۽ هٿيار پنوهار سڀ هيٺ مٿي ڪري ڇڏيا. جتي بہ ڪو سردار مرزا غازي بيگ جو حمائتي هو، هٿيار بند سوار ۽ پيادا ساڻ ڪري، ونس اچي حاضر پئي ٿيو ۽ ابوالقاسم جي لشڪر جون متيون مُنجهائي ٿي ڇڏيائين. جيئن تہ سڀني جي اچي ڦيٽي هئي، ان ڪري ڪو بہ مقابلي جي جرئت نہ ٿي ڪري سگهيو، ۽ جعفرعلي ارغون جيڪو ابوالقاسم جي ويجهن عزيزن مان هو ۽ سدائين ترار جا ڪرتب ڏيکارڻ جي لباڙ ٿي هنيائين، ويڙهہ تي سندرو ٻڌي، پيڙ ۾ ٺپي پيو ۽ ڪيترن کي زخمي ڪرڻ کان پوءِ گرفتار ٿيو. هن جا ٻيا ساٿاري چڙ ڇڙ ڪابي وانگي ڀاڄ ۾ اچي پيا ۽ مرزا غازي بيگ جي انهن ماڻهن وٽ پناهہ ورتائون، جن سان سندن ڏيٺ ويٺ هئي.

جڏهن ابوالقاسم جو لشڪر ڪُنجي سَنجي ۽ لُنجي ڦُرجي چڪو ۽ هر طرف ڏاڍ ٿي وئي، تہ مرزا غازي بيگ دلجاءِ ڪري پنهنجي جاءِ تي آيو. لشڪر کي حڪم ڏنائين، تہ شاهہ ڳڙهہ جي قلعي تي پهچي، ابوالقاسم جي گهرجي ڀاتين کي امان ۾ ورتو وڃي، سندس مال ملڪيت قبضي ۾ ڪري، امان وٽ پهچائڻ ۾ اچي، جيئن [٢٣٣] ان جي پنهنجي ماڻهن ۾

ورهاست ڪئي وجي. اهو ڪم آڪلائي، ابوالقاسم ۽ سندس ساٿياري جعفرعليءَ کي چوڪنيو بڌرائي، پيڙيءَ ۾ ڦٽو ڪرائي، عرب ڪوڪيءَ جي ملازم دريا خان سان ٽٽي ڏانهن آماڻيو ويو، تہ جيئن وجي کين عرب ڪوڪيءَ جي حوالي ڪري. محمد علي سلطان ڪابليءَ واري چئي، جيڪا سپاهين ابوالقاسم وٽان هٿ ڪئي هئي، سا مرزا غازي بيگ تائين پهچائي وئي. ابوالقاسم کي اهڙو تہ جٺم اچي ويو، جو هيلتائين جيڪي خرمستيون ڪيون هئائين، تن سڀني جون ڪسرون منجهانئس نڪري آيون. مرزا عيسيٰ خان ترخان، جيڪو انهيءَ فساد مان پنهنجي فائدي جي اميد رکيو ويٺو هو، مايوس ٿي شاهي دربار ڏانهن هليو ويو.

مرزا غازي بيگ سڄي اوڪا پوڪا لاهي، ٺٽي واپس آيو. جن ماڻهن کيس ڪنڪهيو ئي نہ ٿي، انهن جو آرام ڦٽي ويو. هن جي انهن تي ايڏي دهشت ويهي وئي، جو ملڪي معاملن ۾ دخل ڏيڻ کان ماڳهين توبهہ ڪري ڇڏيائون.

انهن ئي ڏينهن ۾ باباطالب (اڪبر جو ايلچي)(١) آگري مان سنڌ اچي رسيو. هتان جا سڀئي معاملا معلوم ڪري بادشاهہ تائين اطلاع پهچائڻ لڳو. هن کي يقين هو تہ هتي جون حالتون ڏينهون ڏينهن خراب ٿينديون پيون وڃن، تڏهن بہ مرزا غازي بيگ جو لحاظ پئي رکيائين، ڇو تہ ڪنهن بہ صورت ۾ هن کي معزول ڪرائڻ جي حق ۾ نہ هو.

مرزا غازي بيگ پيءُ جي وفات کان پوءِ ٻن سالن جي عرصي ۾ [٢٣٤] ملڪ کي اهڙو ڏاهي ورتو، جو سنڌ ۾ رهندڙ سڀني ماڻهن جا اولائي لهي ويا. هيءُ پاڻ رات جو چمڙا پوش

---

(١) باباطالب ايلچي ١٠١٠هہ ۾ ٺٽي پهتو.
مرزا غازي اور اسڪي بزم ادب ص ٤١١

## آگري وڃڻ لاءِ مرزا غازي بيگ جو پنهنجي خاص ماڻهن سان مشورو ڪرڻ

سعيد خان جي اوچتي اچڻ جو پڌي مرزا غازي بيگ پنهنجي اُميرن کي سڏائي، ساڻن صلاح ڪئي، ته هن حالت ۾ ڇا ڪرڻ گهرجي! جيڪڏهن توهان جو خيال هجي، ته آءٌ به پنهنجي والد مرحوم وانگي سعيدخان جون ڳالهيون رد ڪري، ڪو پيو قدم کڻان. پوءِ به جيڪڏهن ڪنهن ٻاهم جون ڳالهيون ٿيون ته ڏٺو ويندو. منهنجو ارادو آهي، ته لڪيءَ واري جبل تي مضبوط قلعو تيار ڪرائي، اتان جنگ جي شروعات ڪرڻ ۾ اچي! پر سڄو دارومدار خزاني تي آهي، جنهن جو هن وقت هٿ اچڻ ڏاڍو ڏکيو پيو لڳي، تنهن ڪان چونءِ آگري وڃي بادشاهه جي قدمبوسي ڪجي. آخر اهائي صلاح سڀني کي وڻي.

ان کان پوءِ خسروخان چرڪس، عرب ڪوڪي ۽ ٻين کي ٿوري لشڪر سان ٺٽي ۾ رهائي سڀ ڪم سندن حوالي ڪري ڇڏيائين. شهباز خان، احمد بيگ سلطان، لطف الله سلطان ۽ (١) "ٻائيخان" خواجه امير بيگ بخشي ۽ ٻين خاص ماڻهن کي ساڻ ڪري بکر وڃي سعيدخان سان مليو. هن کي نيازمنديءَ واري نموني سڀئي ڳالهيون سمجهايائين، جيڪي ملڪي وڳوڙ ۽ ماڻهن جي سرڪشيءَ جي باري ۾ هيون. سعيدخان به هن کي پنهنجي اولاد وانگي سمجهي ساڻس اهڙي مهر ۽ محبت سان پيش آيو، جو مرزا غازي بيگ جي دل ۾ جيڪي به خوف خطرا هئا، اُميدن آسرن ۾ بدلجي ويا. هن پنهنجي پُٽ سعدالله کي ستوهه پريو، ته تون مرزا غازي بيگ کي پنهنجو ڀاءُ ۽ دوست سمجهي، ائين پيو هلجانءِ، جو ڪيس ڪو به مونجهارو نه ٿئي.

---

(١) ڏسو حواشي ۽ تعليقات.

وٽهت هٿا اهي پيادا ٿي ڏاندن گڏهن جي قرض ۾ ولجي ويا. خود مرزا غازي بيگ جو به اهو حال وڃي ٿيو، جو مير معصوم جي پٽ (مير بزرگ) ۽ سردار خان وٽان قرض کڻي گهر جي پورائي ٿي ڪيائين. سندس سپاهي بکَ ۾ پاهه ٿي [٢٥٢]، حويليءَ جا چڪر هڻي، "داد، داد" جون دانهون ڪندا ٿي رهيا. هن (مرزا غازي بيگ) جڏهن پنهنجي اميرن کان ٿي پڇيو ته ڪيس ڪابه خبر نٿي ڏنائون ته ويچارن سپاهين سان ڪهڙي ويڌن آهي. آخرڪار پاڻ ٿي ڪيس سپاهين جي تڪليفن جو احساس ٿيو. سڀني کي پاڻ وٽ گهرائي رهي ڪَڍهي خزاني مان ڪجهه نه ڪجهه ڏياري، پنهنجي سر تان سڄو آزار لاٿائين.

## ايتري ۾ طالب آملي * ۽ شمس * قندار پهچي مرزا غازي بيگ جي خدمت ۾ آيا ۽ سندس ملازمت اختيار ڪيائون

مرزا غازي بيگ جڏهن پنهنجي پريشانين جو سڄو احوال جهانگير بادشاهه جي خدمت ۾ لکي موڪليو ته آتان حڪم آيو ته ڪيس بکر ۾ رهي پنهنجي لشڪر جو انتظام ڪري، شاهي فرمان جي انتظار ۾ رهڻ گهرجي. حڪم ملڻ تي پاڻ اچي بکر ۾ ويهي رهيو ته هوڏانهن ڪن ماڻهن بادشاهه کي پڪائڻ شروع ڪيو، ته: مرزا غازي بيگ هاڻ شاهي دربار ڏانهن ڪونه ايندو. نيٺ هن جي لاءِ ڊاڪچوڪي جو فرمان جاري ٿيو. جيئن ته شاهي حضور سان صدق ۽ اعتقاد رکندو ٿي آيو، انڪري فرمان ملڻ شرط بکر مان روانو ٿي بادشاهه جي دربار ۾ وڃي پهتو. تڏهن بادشاهه سلامت ڪابل جي سير تان واپس ايندي لاهور جي شهر ۾ ترسي پيو هو، جتي

---

* ڏسو حوالا ۽ متعلقات.

* ڏسو حوالا ۽ متعلقات.

انهن جي جنگين جا واقعا پڻ لکيل هئا. طاهر محمد نسياني، مير معصوم جي تصانيف کان بلڪل بيخبر نه هو، ڇو ته هن ڪتاب ۾ ان جي تصنيف ”حسن ناز“ جو حوالو ڏنو آهي. ٿي سگهي ٿو، ته هو مير معصوم جي ڪتاب ”سنڌ جي تاريخ“ کان واقف نه به هجي، ڇو ته تاريخ طاهريءَ جي مطالعي مان اهو ثابت ٿو ٿئي، ته ان جي روايتن ۽ واقعن بيان ڪرڻ ۾ هن انهيءَ کان ڪا مدد ورتي هوندي.

● خرابي سنڌ سال ٩٢٧هه ڏانهن اشارو آهي، جنهن ۾ شاهه بيگ ارغون سنڌ تي قبضو ڪري چڪو هو ۽ سمن جي حڪومت جو خاتمو ٿيو. (ص...) تي پڻ مصنف خرابي سنڌ کي سمن جي ملڪ نيڪاليءَ جو سال ڪري ليکيو آهي. مير علي شير قانع به لکي ٿو، ته خرابي سنڌ مان ٩٢٧هه جي تاريخ نڪري ٿي(١).

● وقاري، اهو تخلص مرزا غازي بيگ ولد مرزا جاني بيگ جو آهي، جيڪو هن کان اڳ تي پڻ بيان ٿي چڪو آهي. مصنف مرزا غازي بيگ جو مصاحب ۽ همعصر هو. هن انهيءَ بابت جيڪي ڳالهيون لکيون آهن، سي هر حالت ۾ اهم سمجهيون وڃن ٿيون. هي پهريون اطلاع آهي، جنهن موجب اسان ان بيت کي وقاريءَ جو بيت ڄاڻي سگهون ٿا. مير علي شير قانع، مقالات الشعراء ۾ وقاريءَ کي وڏن شاعرن مان شمار ڪري سندس غزل، ساقي نامو ۽ چوند شعر نقل ڪيا آهن. قانع چوي ٿو، ته هن جو ديوان پنجن هزارن بيتن کان مٿي هو. طالب آملي، ملا مرشد بروجردي پهريائين ان جي دربار ۾ هئا. ملا اسد قصه خوان ۽ مير نعمت الله واصلي پڻ سندس مقربن مان هئا. شعر ۾ دسترس رکڻ سان گڏ موسيقي جي فن ۽ طنبوري وڄائڻ ۾ به ماهر هو.

---

(١) تحفة الڪرام فارسي متن، ناصري پريس دهلي، جلد ٣، ص ٥٤.

عبارت ۾ تاريخ سنڌ يعني ديبل بندر لکي چڪو آهي، جنهن مان تاريخي تاويل ڏانهن اشارو ڪيل آهي، پر حقيقت ائين ناهي.

● آٺن هستين: ١- شاهه بيگ ارغون، ٢- مرزا شاهه حسن ارغون، ٣- محمود خان ڪوڪلتاش بکر جو حاڪم، ٤- مرزا عيسىٰ ترخان ٺٽي جو حاڪم، ٥- مرزا محمد باقي، ٦- مرزا پائنده محمد ترخان، ٧- مرزا جاني بيگ ۽ ٨- مرزا غازي بيگ.

● عاقل، فاضل، عادل. مرزا شاهه محمد بيگ عادل خان مصنف جو مربي.

● هي ڪتاب ڏهن طبقن (ڀاڱن)، تاريخ طاهريءَ جا جيڪي به قلمي نسخا(١) دستياب آهن، تن ۾ ڪتاب جا چار يا پنج حصا طبقن جي عنوان سان ملن ٿا. هي ڇپيل متن، جيڪو ڀن قلمي نسخن تان ڀيٽيل هو، پنجن طبقن ۾ ورهايل آهي(٢)، البت هن ۾ هڪ وڌيڪ عنوان تي طبقه مرزا پائنده محمد ترخان ڏنل آهي، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو، ته مصنف طبقن جي پوري ورهاست ڪانه ڪئي هئي.

هن وقت تاريخ طاهريءَ جا جيڪي نسخا موجود آهن، ائين سمجهيو وڃي ٿو، ته اهي سڀئي اصل ۾ مصنف جي هڪڙي ئي مسودي تان آتاريل هئا، جيڪو مڪمل ئي نه سگهيو هو. اهو مسودو، جيڪو مصنف نئين سر بياض تي نقل ڪيو هو، گهٽو ڪري وڌائس وڃائجي ويو يا ائين ئي ناقص رهيو. بهرحال اسان جيڪڏهن چاهيون، ته ڪتاب ۾ شامل موضوعن کي هيٺين ريت ڏهن طبقن ۾ ورهائي سگهون ٿا:

---

(١) قلمي نسخا جيڪي سر ايچ. ايم. ايليئٽ (Sir H. M. Elliot) کي هٿ آيا تن ۾ چار طبقا هئا. ڏسو:

"Elliot and Dowson, The History of India as told by its own Historians Vol: 1, London, 1867, P. 255."

(٢) ڀن ڏسو ص ٣٢، ٥١، ٦٣، ٩٥ ۽ ٢١٠.

طبقو پهريون: سومرن حاڪمن جي احوال بابت
طبقو ٻيون: سمن ڄامن جو بيان
طبقو ٽيون: شاهه بيگ ارغون جي آمد ۽ سنڌ غصب ڪرڻ بابت
طبقو چوٿون: مرزا شاهه حسن ارغون جو احوال
طبقو پنجون: ارغونن کان پوءِ سنڌ تي ترخانن جي حڪومت
طبقو ڇهون: مرزا عيسيٰ ترخان جو احوال
طبقو ستون: مرزا محمد باقي جو احوال
طبقو اٺون: مرزا پائنده محمد ترخان بابت
طبقو نائون: مرزا جاني بيگ بابت
طبقو ڏهون: مرزا غازي بيگ ۽ ترخانن جي حڪومت جي خاتمي بابت.

● سن ...ه کان ۸۴۳ھ تائين سومرن هن ملڪ تي حڪومت هلائي، جيڪي هندو ڌرم وارا هئا. سومرن حاڪمن بابت مصنف ڪن صدري روايتن تي ڀاڙيو آهي، جن ۾ سچائي بلڪل نه هئڻ برابر آهي، ان ڪري جو اهڙي قسم جون روايتون رڳو ڏند ڪٿائن جي حيثيت رکن ٿيون. سومرا به سنڌ جي ٻين قبيلن وانگي اصل هندو يا ٻڌ ڌرم وارا هئا، جڏهن محمد بن قاسم ثقفي ۹۳ هجريءَ ۾ سنڌ تي قبضو ڪيو، تہ هتي اسلام جو اثر وڌڻ لڳو، جنهن کان سما، سهتا، لوهاڻا وغيره عرب عملدارن ۽ حڪمرانن جي لهه وچڙ ۾ (۹۳ هجري کان چوٿين صدي هجريءَ جي پڇاڙيءَ واري عرصي تائين) مسلمان ٿيندا ويا. سومرن به انهيءَ عرصي ۾ اسلامي تبليغ جو اثر قبول ڪيو، يعني پاڻ حڪومت قائم ڪرڻ کان اڳ مسلمان ٿي چڪا هئا. ان کان پوءِ اسلامي بادشاهن وارا لقب اختيار ڪيائون، جهڙوڪ: عصام‌الدين پونگر ۽ سنان‌الدين چنيسر وغيره. ان حالت ۾ مصنف جو اهو لکڻ، تہ سومرا هندو ڌرم وارا حڪمران هئا، تاريخي گواهين ۽ صدري روايتن جي آڌار تي (جيڪي اڃا تائين سنڌ ۾ رائج آهن)

حقيقت جي ابتڙ آهي. مصنف سومرن جي دؤر حڪومت بابت جنهن جي حد هڪ سؤ ٽيتاليهن ورهين تائين ڄاڻائي ٿو، وڏي غلطي ڪري چڪو آهي. تاريخي مناسبت سان اهو نتيجو نڪري ٿو، تہ سومرن چوٿين صدي هجريءَ جي اڌ کان سياسي اقتدار حاصل ڪري، پنجين صديءَ جي اڳياڙيءَ ۾ منصوره تي قبضو ڪيو هو، جنهن تي عربن جي عملداري هئي؛ چو تہ ٤١٦هه ۾ جڏهن محمود غزنوي سومنات هٿ ڪرڻ کان پوءِ منصوره آيو هو، تہ اتي خفيف سومري جي حڪومت هئي. هي نالو ايترو تائين مشهور آهي ۽ سومرن ۾ ڦرندو اچي ٿو. هوريان ڏاڍيان سومرن زور ورتو، تہ پهريائين سنڌ جي هيٺاهين حصي تي قابض ٿيا، تنهن کان پوءِ سڄي سنڌ سندن ڏاڪ هيٺ آئي.

مير محمد معصوم سومرن جي حڪومت جي شروعات (لاڳيتو تسلط) عبدالرشيد غزنويءَ جي زماني (٤٤١–٤٤٤هه) تائين ليکي ٿو. هن جو چوڻ آهي، تہ ان زماني ۾ سومرا ٿريءَ جي آس پاس سان نڪري آيا ۽ سومري نالي هڪ شخص کي پنهنجو حاڪم چونڊيائون (١). انهي روءِ سان سومرن جي حڪومت جي شروعات اصل ۾ پنجين صدي هجري جي وچ کان تصور ڪرڻ کپي.

معاصرانہ تاريخي ماخذ موجب، سومرا خاندان جي حڪومت، اٺين صدي هجريءَ جي وچ کان پوءِ واري عرصي ۾ ختم ٿي هئي، جنهن جو سبب دهليءَ جي سلطانن جي سنڌ تي سياسي

---

(١) تاريخ معصومي ص ٦٠. اصل عبارت هن ريت آهي: محمود غزنويءَ جي مرڻ کان پوءِ جڏهن ان جي بادشاهت سندس اولاد ڏانهن منتقل ٿي، تہ حڪومت ۽ بادشاهت جو وارو عبدالرشيد بن سلطان مسعود کي مليو. هو عيش عشرت ۾ مشغول رهڻ لڳو، جنهن ڪري سندس ماتحت حاڪم (سومرن سميت) بغاوت ڪري آزاد ٿي ويا. ص ٧٨، مترجم.

وني ۽ دودي جو پٽ همير هنن جو آخري حاڪم هو، جيڪو دهليءَ جي سلطاني عاملن جي مدد سان ڪي سال هتان جو حاڪم رهيو.

عين‌الملڪ ماهرو، جيڪو سلطان فيروز شاهه طرفان (۱۳۵۱-۱۳۸۸ع) تائين ملتان جو عامل هو، پنهنجي هڪ خط ۾ جيڪو (۱۳۵۲-۱۳۶۵ع) واريءَ عرصي ۾ لکيو هئائين، سنڌ جي باري ۾ ٻڌائي ٿو، ته همير دودي جي وجود وارو سڱلو، جيڪو حادثن جي تڪين هوائن سبب ڪومائجڻ تي هو، بادشاهي شفقت جي (مٽي پاڻيءَ واري) چنبڙي سان نئين سر وڌڻ ويجهڻ لڳو، پر جام ٻاڀيڻي فساد ۽ بغاوت جي شروعات ڪري، قبلہ (بادشاهه) جي اطاعت کان منهن موڙي، ملڪ ۾ وڳوڙ پيدا ڪرڻ ۽ مغلن کي آڻڻ پنهنجي عادت ڪري ڇڏي آهي. انهيءَ عادت سان هڪ ڀيري مغلن جا ڪٽڪ پنجاب تي چاڙهي آيو، جنهن جي وڌندڙ فتني کي ٽارڻ لاءِ بادشاهه سلامت همير دودي جي سک ۽ سلامتيءَ ڏانهن ڌيان ڏيڻ فرمايو آهي(۱).

ٻاڀيڻو تڏهن سمن جي قبيلي جو سردار هو. هي اهو ئي ٻاڀيڻو آهي، جيڪو جام انڙ سمي جو پٽ هو ۽ ملڪ رتن کي (۷۳۴هه، ۱۳۳۳-۳۴ع) ڏاري سيوهڻ ۾ قتل ڪيو هئائين. عين‌الملڪ همير دودي جي سڱلي جي چڱي چيٽ ڪئي، پر وريس ڪي به ڪين. سمن هڪ ئي چڪريءَ ۾ چڙهي، همير کي شڪست ڏئي قتل ڪري ڇڏيو ۽ جام ٻاڀيڻي کي (۱۳۶۵ع) ۾ يا ان کان اڳ سنڌ جو حاڪم چونڊيائون. سلطان فيروز شاهه انهيءَ ئي سال دهليءَ مان هلي ٺٽي تي ڪاهيو، پر سمن جي طاقت اڳيان لشڪر ٿڪي ويو، انت انهن سان صلح ڪرڻو پيس.

---

(۱) انشاءِ ماهرو ڇاپايل شعبہ تاريخ عليڳڙهه يونيورسٽي (ڀارت) ص ۸۷.

هاڻ اها ڳالهه ثابت ٿي چڪي، تہ سومرن (اندازي طور) پنجين صدي هجريءَ جي اڌ کان وٺي اٺين صدي هجريءَ جي اڌ تائين آزاديءَ سان حڪومت ڪئي. انهيءَ مطابق هنن جي حڪمرانيءَ جو عرصو لڳ ڀڳ ٽن صدين تائين پهچي ٿو.

(سومرن جي قوميت جي باري ۾ ڏسو حوالا ۽ متعلقات- از مترجم).

● سنڌو ندي يعني پنجاب: مصنف جي لکت موجب اتر کان بکر تائين (هن وقت روهڙي ۽ سکر) سنڌو نديءَ کي پنجاب جو درياهہ ۽ بکر کان هيٺ سنڌو ندي سڏيو وڃي ٿو. اها رڳي مصنف جي ذاتي راءِ آهي. آڳاٽي زماني کان هن پراڻي ۽ وڏي درياهہ جو سنڌ جي اتر کان ڏکڻ تائين اهوئي نالو سنڌو ندي هو، جنهن کي سڀني پاڻي وارو درياهہ بہ ڪوٺيو وڃي ٿو. اٺين صدي عيسويءَ جي اوائل ۾ عربن ان کي مهراڻ جي نالي سان مشهور ڪيو. مهراڻ اصل فارسي لفظ آهي جيئن ياقوت (حموي) لکي ٿو، تہ اهو نالو عجمي (غير عرب) آهي ۽ حمزو اصفهاني بہ ائين ٿو ڄاڻائي، تہ اهو درياهہ فارسي ۾ "رود مهراڻ" سڏجي ٿو(١). پراڻي ايران جي روايتن ۾ وري ايتري تائين لکيل آهي، تہ مهراڻ انهن سٺن درياهن مان هڪڙو درياهہ آهي، جيڪي جمشيد کوٽايا هئا(٢).

مصنف کان چار صديون اڳ پنجاب جي پاسي هي درياهہ سنڌونديءَ جي نالي مشهور هو، جنهن جو پتو تاريخ جهانڪشا ۽ تاريخ طبقات ناصريءَ مان پوي ٿو، تہ سلطان جلال الدين منڪبرني خوارزم شاهي چنگيزيءَ حملي جي شروعات (٦١٨هہ) ۾ سنڌوندي پار ڪئي هئي. اچا تائين اٽڪ کان اتر ڪوهستان تائين پٺاڻ قومون پنهنجي ٻولي "پشتو" ۾ هن

---

(١) ڪتاب البلدان (مهراڻ جي سري هيٺ) جلد ٤ ص ٦٩٧ اورپا ڇاپيل.

(٢) ڪتاب البدء والتاريخ ڇاپيل اورپا ص ٦٠.

رهي ٿي، ان جي مٿان هڪ سهڻي عمارت، وڏي دروازي سان اڏيل آهي، جيڪا شهجهان بادشاهه اڏائي هئي. مزار جي اتر ۾ هڪ مسجد به آهي، جيڪا ١٠٤٢هه ۾ نواب ديندار خان شاهجهان جي دور ۾ جوڙائي هئي، جنهن تي هي ڪتبو لڳل آهي:

بدور شهنشاهه شاهه جهان — خديو خردمند صاحب قران
چو خلد برين روضه شاهه چهته — بنا ڪرد نواب ديندار خان
ز سال بنانش طلب دانشتند
"بهشتي به روي زمين" گفت عثمان
(١٠٤٢هه)

لب تاريخ سنڌ جي هڪڙي قلمي نسخي جي پڇاڙيءَ ۾ شيخ چهتي آمرانيءَ جو ذڪر اختصار طور هن ريت آيل آهي: مخدوم شيخ چهتو آمراڻي، جنهن جي پيءُ جو نالو عمران هو(؟)، ان ڪري پاڻ عمراڻي مشهور ٿيو. عمران ٿهيم قوم جي حاڪمن مان برهمڻ آباد جو حاڪم هو، جنهن ڪي سنڌ ۾ پانهنجو واهه کوٽيو وجي ٿو. (ان ڪان پوءِ هو "لب تاريخ سنڌ جو مصنف" ساڳيو تاريخ طاهري وارو بيان دهرائي ٿو)— چون ٿا ته هي مخدوم لال شهباز کان اڳ ۾ ٿي گذريو هو. پهرين هن جي قبر تي ننڍڙو قبو هو، پوءِ ڪنهن شخص وڏو قبو اڏايو، ان سان گڏ مسجد، خانگاهه، اڱڻ ۽ ويڪرو دروازو به تيار ڪرايائين، جن کي ڪاشيءَ سان سينگاريو ويو ۽ خانگاهه جي اڱڻ ۾ به فرشبندي ڪرائي وئي(١).

راقم (ڊاڪٽر بلوچ) کي سيوهڻ ۾ هڪ مهر ڏيکاري وئي، جنهن تي هيءُ عبارت اڪريل هئي:

---

(١) لب تاريخ سنڌ، خداداد خان تصحيح ڊاڪٽر بلوچ، سنڌي ادبي بورڊ، ١٣٧٨هه - ١٩٥٩ع، ص ٣١٥-٣١٦.

مهارت حاصل ڪرڻ ڪان پوءِ، اڪبر جو درباري ٿيو، جتي هن جي چڱي عزت هئي. ۱۰۱۲ھ ۾ اڪبر پاران شاھ عباس ڏانهن ايلچي ٿي، تبريز (ايران) ويو. موٽ تي اصفهان آيو، جتي حڪيم شفائي، محمد رضا نڪري ۽ تقي اوحدي جهڙن وڏن شاعرن سان سندس ملاقات ٿي. اڪبر بادشاھ پڇاڙيءَ تائين هن جو رتبو وڌائيندو رهيو. جهانگير جي زماني ۾ ئي کيس چڱو نوازيو ويو. سندس ڪتابن مان تاريخ ۽ طب نامي، مثنوي (يوسف زليخا جي بحر ۾) ۽ ديوان مشهور آهن. ۱۰۱۵ھ ۾ جهانگير وٽان موڪلائي ڀکر آيو ۽ انهيءَ ئي سال وفات ڪيائين. سندس تاريخ وفات ”بود نامي صاحب ملڪ سخن“ مان نڪري ٿي. هن جي رباعين مان هي رباعيون پيش ڪجن ٿيون:

نامي ز غم فراق محزون مي گشت،
در باديه اي ڪه باد مجنون مي گشت
خورشيد اگر پاءِ نهادي آن جا
سر تا به قدم آبله و خون مي گشت

—

در عشق بتان عشق جنون بايد ڪرد
جان را به فراق رهنمون بايد ڪرد
چون شيشه تمام پر ز خون بايد شد
وانگه ز ره ديده برون بايد ڪرد(۱).

—

(مير معصوم بابت وڌيڪ ڏسو حوالا ۽ متعلقات)

● حسن و ناز، مير معصوم جي خمسي مان هي مثنوي آهي. سندس پٽ مير بزرگ جي ڪتبي (سال ۱۰۱۳ھ ناگور) مان ثابت ٿئي ٿو، ته اهو خمسو پنجن مثنوين تي مشتمل هو،

(۱) تذڪره نشتر عشق نسخه قلمي مڪتبه عاليه، رامپور پارت.

شاهہ بيگ قنڌار ڏانھن واپس وريو؛ پر وري سنڌ ڏانھن واپس آيو، جڏھن سيوھڻ ۽ بکر جي سهم ناں واندو ٿيو، تہ گجرات ھٿ ڪرڻ لاءِ نئين مان اوڏاھين ڪاھي ويو. وات تي اگھرڪوٽ وٽ پھچي ساهي پٽيائين. انهيءَ وچ ۾ کيس خبر ملي، تہ بابر بادشاهہ ڀيره ۽ خوشاب پهچي چڪو آهي ۽ هندستان تي قابض ٿيڻ جون ڪوششون پيو ڪري. شاهہ بيگ اها خبر ٻڌي ڏاڍو پريشان ٿيو. انهيءَ ڏوجهري ۾ اندر رئي اندر ڳنڍين ۾ ڳرندي انهيءَ هنڌ گجرات فتح ڪرڻ کان اڳ ۹۲۸ھ فوت ٿيو. شهر شعبان مان سندس وفات جي تاريخ ڪڍي وئي(۱).

طبقات اڪبري ۽ تاريخ فرشتہ(۲) ۾ شاهہ بيگ جي وفات جي تاريخ ۹۳۰ھ آهي، پر مير معصوم جي تفصيل مطابق ۹۲۸ھ درست سمجهڻ گهرجي.

● اڄا تائين انهن جا مقبرا سمن ڄامن جا مقبرا، جيڪي مڪليءَ جي اترئين پاسي موجود آهن، انهن مان ڄام نظام الدين جي مقبري وارو عمارت، جيڪا سنگ تراشيءَ جي فن ۾ بي نظير حيثيت رکي ٿي، سالم حالت ۾ موجود آهي.

● مرزا شاهہ حسن جو احوال، جنهن ۹۰۷ کان ۹۲۲ھ تائين پورا پنجٽيهہ ورهيہ (؟) سنڌ تي حڪومت ڪئي. صحيح عبارت ۹۲۸ھ کان ۹۶۲ھ هئڻ کپي. ان ڪري جو شاهہ بيگ شعبان جي ۲۲ تاريخ ۹۲۸ھ ۾ فوت ٿيو هو ۽ سندس پٺيان مرزا شاهہ حسن جي حڪومت جو دؤر اتان ئي شروع ٿيو هو.

● مانڊوي (Mandvi)، جيڪو اڄا تائين ڪڇ جو بندرگاهہ آهي.

---

(۱) تاريخ معصومي، ص ۱۲۶-۱۲۷.

(۲) طبقات اڪبري، خواجہ نظام الدين احمد بخشي، ڇاپو ڪلڪتو. ۱۹۲۷ع-۱۹۳۵ع، جلد ۳، ص ۵۲۰.

(۳) تاريخ فرشتہ، ڇاپو بمبئي ۱۸۳۲ع، ج ۲، ص ۶۲۱.

اڏيو، جيڪو ٺوري ئي عرصي ۾ تيار ٿي چڪو هو. ٻوءِ نصر پور مان سڄو لشڪر ان قلعي ۾ اچي آواسي ٿي ويهي رهيو (١).

● شاهه بيگ خان کي نصرپور ۽ شاهه ڳڙهه واري قلعي کي گهيري ۾ آڻڻ لاءِ آماڻيائين. شاهه ڳڙهه، شاهه قاسم خان بيگلار قلعي جي صورت ۾ تعمير ڪرايو، جنهن تي سندس نالو پيل هو. بيگلارنامي مان معلوم ٿو ٿئي، ته ٩٩٣ يا ٩٩٤هه جي پڇاڙيءَ ۾ سبحان قلي ارغون، نواب صادق محمد خان هٿان هار کائي، شاهه قاسم ارغون سان اچي مليو. ٻئي ڪناد ڳوٺ ۾ هئا، تہ شاهه قاسم سبحان قلي کي اتان مرزا جاني بيگ ڏانهن اماڻيو ۽ پاڻ نصر پور پهچي، شاهه ڳڙهه وارو قلعو تعمير ڪرايائين (٢).

خان خانان جي حملي دوران، ابوالقاسم سلطان ولد شاهه قاسم خان هن قلعي ۾ اچي ويٺو ۽ ان کي مضبوط ڪرايائين. ان کان پوءِ بہ ابوالقاسم انهيءَ قلعي ۾ رهندو آيو، جنهن ڪري اهو قلعو هتان جي ماڻهن ۾ سندس نالي مشهور ٿيو، جنهن کي عام طرح آبل جو ڪوٽ سڏيو.وڃي ٿو. هن جا آثار اڄ تائين انهيءَ نالي سان نصرپور کان ست ميل اوڀر تي باقي آهن بيگلارنامي جو مصنف شاهه ڳڙهه قلعي جي گهيري بابت لکي ٿو: شاهه بيگ خان جيڪو پنهنجي لشڪر جو اڳواڻ هو، شاهه ڳڙهه جي قلعي وٽ پهچي، ان جي سيڌ ۾ کاهي کوٽائي، منجهس لشڪر ٺائي ويهي رهيو. سندس لشڪر ڌاڙي ڦرلٽ جي نيت سان پاسي اوسي پئي ويو ۽ جتان ڪٿان ماڻهن جو مال متاع ڦٻي لٽي ٿي آندائين. ابوالقاسم سلطان قلعي جا دروازا بند ڪرائي، لشڪر جي زور ۽ پنهنجي همت سان اندر ويٺو رهيو. ڪيس دشمن جي لشڪر جو ڪو بہ

(١) بيگلارنامو ص ٢٣٢.
(٢) بيگلارنامو ص ٢٢٧.

عهد ڏنا پورا ڪري ڇڏيا، هاڻ اسان تي خدا ۽ خلق جو ڪوبہ عتاب ڪونہ رهندو، جيڪي ٿيندو تنهن جو وبال جاهلن جي گردن تي هوندو. خدا پنهنجي پيارن کي بيوقوفن جي صحبت ۽ دوست نما دشمنن جي آشنائي ۽ سندن ڪوتاهين کان امان ۾ رکي. جيڪو چڱائيءَ کان ڦري وڃي، تنهن کي ان جو اڻڙوئي نتيجو ڏيکاري وڏيڪ لڪڻ بيڪار آهي!

چڱائي تي هلڻ واري انسان لاءِ.

سعديءَ جو هڪڙوئي حرف ڪافي آهي.

● سڀ کان اول سيوهڻ وارو قلعو خان خانان جي ماڻهن مرزا جاني بيگ جي ماڻهن وٽان هٿ ڪيو. مير معصوم لکي ٿو: مرزا جاني بيگ جو چوڻ هو، تہ آءٌ ٺٽو، ڀڪّا ۽ سيوهڻ جو قلعو اوهان (خان خانان) جي حوالي ڪريان ٿو. پاڻ وري ٺٽي پهچي اتي اوهان سان ملندس. خان خانان آبڪلانيءَ واري موسم سن ۾ گذاري، سياري جي شروعات ۾ ٺٽي روانو ٿيو. جڏهن فتح باغ تائين پهتو، تہ پريان مرزا جاني بيگ بہ ظاهر ٿيو ۽ ٻئي پاڻ ۾ اچي گڏيا (۱).

● خان خانان پنهنجي جاءِ تي دولت خان لوڌيءَ کي هتان جو حاڪم مقرر ڪري مير معصوم چوائيءَ خان خانان دولت خان لوڌي ۽ خواجہ مقيم کي بندوبست لاءِ نائب مقرر ڪري، شاهي فرمان موجب مرزا جاني بيگ سان گڏجي شاهي دربار ڏانهن وڃڻ جي تياري ڪئي (۲).

● مرزا جاني بيگ، جنهن پنهنجي پيءُ مرزا محمد پائنده بيگ مرحوم کان پوءِ يارهين ڏينهن بہ سن حڪومت ڪئي تي پڻ مصنف لکي ٿو تہ مرزا جاني بيگ رڳو يارهن ڏينهن آزاديءَ سان حڪومت ڪئي. ميرعلي شير قانع بہ تاريخ طاهريءَ جي

---

(۱) تاريخ معصومي ص ۲۵۶.

(۲) تاريخ معصومي ص ۲۵۶.

بيگلارنامي جو مصنف لکي ٿو: خان خانان، مرزا جاني بيگ ۽ ٻين اميرن کي ساڻ ڪري، ۱۰۰۰هه ۾ هندستان روانو ٿيو، سندس امير شاهه قاسم خان ۽ خسرو خان هڪبئي جي رفاقت سان ۱۰۰۱هه ۾ سنڌ ڏانهن واپس هليا آيا(۱). ان موجب مرزا جاني بيگ ۱۰۰۰-۱۰۰۱هه ڌاري اڪبري دربار ۾ پهتو هو. مآثر رحيمي، مرزا جاني بيگ جي اڪبري دربار ۾ پهچڻ جي تاريخ ۲۴- جمادي الثاني ۱۰۰۱هه لکي آهي.

مرزا جاني بيگ جي وفات بابت مير معصوم لکي ٿو: اڪبر بادشاهه- جڏهن پاڻ دکن ۾ هو ۽ احمد نگر سان گڏ اسير قلعو به فتح ٿي چڪو هو، تڏهن مرزا جاني بيگ تاريخ ۲۷- رجب ۱۰۰۸هه ڌاري، سرسام جي مرض ۾ فوت ٿيو(۲). مير قانع چوي ٿو: مرزا جاني بيگ برهانپور ۾ سرسام جي بيماريءَ وگهي فوت ٿيو. بادشاهه جي حڪم موجب سندس لاش خواجه محمد قور بيگي ڪٺائي، مڪليءَ ۾ آڻي، انهيءَ قبي اندر دفن ڪرايو، جيڪو مرحوم مرزا جاني بيگ پنهنجي حياتيءَ ۾ تيار ڪرايو هو(۳).

مرزا جاني بيگ جي وفات جي تاريخ بابت لکندڙن جو اختلاف آهي. مؤلف جي عبارت مان اٿ سال ۱۰۰۸هه تائين، مير علي شير قانع جي قول موجب اٿ سال ۱۰۰۸هه تائين، مرزا جاني بيگ اڪبر جي دربار ۾ رهيو. اتان اهو گمان پيدا ٿئي ٿو، ته مرزا جاني بيگ ۱۰۰۸هه ۾ فوت ٿيو. تاريخ معصومي

---

(۱) بيگلارنامو ص ۲۴۲-۲۴۵. مآثر رحيمي، ڇاپو ڪلڪتو ۱۹۱۰-۱۹۲۵ع. ج ۲، ص ۳۷۶.

(۲) تاريخ معصومي ص ۲۵۷.

(۳) مقالات الشعراء قانع، ص ۱۴۱. تحفة الڪرام ج ۳، ص ۷۵.

١٠٠٨ھ ۽ ١٠١١ھ جي اختلاف سان(١)، شيخ فريد بکري وري ١٠٠٨ھ مرزا جاني بيگ جي وفات جو سال لکيو آهي (٢)۔ سيد جمال ترخان ناسي ۾ رجب ١٠١١ھ ماثر رحيمي جو مؤلف ٢٨- رجب ١٠٠١ (٣) لکي ٿو۔ هوڙبوالا پهريون محقق آهي، جيڪو ابوالفضل ۽ فيضي سرهنديءَ جي شهادتن سان دليل ڏئي، انهيءَ اختلاف جو ازالو ڪري ٿو۔ هو لکي ٿو، ته ابوالفضل آئين اڪبري ۾ مرزا جاني بيگ جي وفات جي تاريخ ١٣- بهمن ٤٥ جلوس اڪبري، مطابق ٢٥- رجب ١٠٠٩ھ آهي۔ فيضي سرهندي پڻ مرزا جاني بيگ جي وفات جي تاريخ ١- شعبان ١٠٠٩ھ لکي ٿو۔ انهن ٻنهي مورخن جي لکت موجب مرزا جاني بيگ جي وفات جي تاريخ ١٠٠٩ھ سمجهڻ کپي (٤)۔

ان باري ۾ بيگلارنامي جي مصنف صاف لکيو آهي، ته قضا سان نواب (مرزا جاني بيگ) بيمار ٿي پيو ۽ ١٠٠٩ھ ڌاري هيءَ فاني جهان ڇڏيائين (٥)۔ مرزا جاني بيگ جي مزار (مڪلي) جي محراب تي هيءَ ڪتبو لڳل آهي: تاريخ وفات مرزا جاني ٢٧- رجب ١٠٠٩ھ۔ انهيءَ ڪتبي مطابق يقين سان چئجي ٿو، ته مرزا جاني بيگ جي وفات ٢٧- رجب ١٠٠٩ھ ۾ ٿي هئي۔

---

(١) اهو نسخو جيڪو ماليٽ (G. M. Malet) وٽ هو، تنهن ۾ ١٠٠٨ھ لکيل هو، جنهن ڪري ماليٽ پاڻ به انگريزي ترجمي ۾ ١٠٠٨ھ لکيو. ڊاڪٽر دائود پوٽي پنهنجي متن ۾ به ١٠٠٨ھ لکيو (متن فارسي ص ٢٥٧)، البت حاشئي ص ٢٥٧ تي لکيائين، ته اصل متن ۾ ١٠١١ھ لکيل هو.

(٢) ذخيرة الخوانين ج ٢، ص ١٨٠۔

(٣) ماثر رحيمي ج ٢، ص ٣٤٩۔

(4) Studies in Indo Muslim History P. 114-115.

(٥) بيگلارنامو ص ٢٠۔

● ملا مرشد، ميرعلي شير قانع مقالات‌الشعراء ۾ لکي ٿو(١): طالب آملي ۽ ملا مرشد بروجردي پهرين مرزا غازي بيگ وقاري وٽ هئا. ملا اسد قصه خوان ۽ مير نعمت وصلي سنڌ ۾ مقرب هئا. وقاري شاعر، موسيقيءَ جو ماهر ۽ طنبوري وڄائڻ ۾ بي نظير هو. ملا مرشد هن لاءِ هيءَ رباعي لکي هئي:

گر نغمه اي سازت به سکون مي آيد —
رسزيست بگويمت که چون مي آيد،
از بسک بگرد زخمهات مي گردد —
پيچيده ز طنبور برون مي آيد.

وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو حوالا ۽ متعلقات.

● مرزا عيسيٰ ترخان يعني مرزا عيسيٰ ترخان ثاني بن مرزا جان بابا ڏسو حاشيو.

● مرزا جاني بيگ، مرزا جاني بيگ (وفات ١٠٠٩هه) خان خانان جي سفارش تي ابوالقاسم کي لکيو هو، ته مانسنگهه کي عمرڪوٽ جي قلعي ۾ رهائي ڪشنداس کي سمجهايو وڃي، ته هن سان ڪو به جهڳڙو نه ڪري(٢)، انهيءَ حڪم جي پوئواريءَ لاءِ ابوالقاسم عمرڪوٽ پهتو ۽ اهي ڪارناما ڪري ڏيکاريائين، جن جو تفصيل بيگلارنامي ۾ آيل آهي(٣).

● ريل وارا درويش تنهن زماني ۾ ريل واري ايراضي سيوهڻ جي پسگردائيءَ ۾ هئي. ريل جو ڳوٺ اڄا تائين سيوهڻ تعلقي ۽ دادو ضلعي ۾ موجود آهي، جتي ريل وارا بزرگ رهندا هئا. ميرعلي شير قانع ٻارهين صدي هجريءَ جي پڇاڙي ۾ لکي ٿو: ريل واري ايراضيءَ ۾ اولياء رهن ٿا، جيڪي ريل وارا درويش مشهور آهن(٤). البت اها خبر ڪانه ٿي پوي، ته

---

(١) مقالات‌الشعراء وقاري جي عنوان هيٺ ص ٨٣٠ - ٨٣١.

(٢) بيگلارنامو ص ٢٥١.

(٣) بيگلارنامو ص ٢٥١ — ٢٦٠.

(٤) تحفة الکرام ج ٣ ص ١٤٣.

چام دائود جو نالو ورتو آهي، جيڪو ٩٨٠هه تائين جيئرو هو (٢)، ان ڪري انهيءَ صفحي تي چام مان مراد چام دائود سمجهڻ کپي.

● لطف الله سلطان ڀائيخان ۽ خواجه امير بيگ بخشي مير علي شير قانع جي بيان موجب لطف الله سلطان خواجه امير بيگ بخشي ۽ ڀائيخان ولد خسرو خان (١)، ليڪن اهي نالا هن تاريخ طاهري ۽ ترخان نامي تان ورتا آهن. هن لطف الله سلطان ۽ ڀائيخان کي به جدا شخص سمجهيو آهي، لطف الله سلطان خسرو خان جو پٽ ڀائيخان جو لقب سان هو. جيئن ترخان نامي جي مصنف لکيو آهي ته لطف الله پٽ خسرو خان جيڪو ڀائيخان سڏجي ٿو.

● شهباز خان ۽ احمد بيگ شيخ فريد بکري لکي ٿو: مرزا غازي بيگ پنهنجي امير خسرو خان چرڪس سان گڏ بکر جي پسگردائي سيڪارجن ۾ اچي سعيد خان سان مليو (٢)، پر مصنف جو چوڻ صحيح آهي ته مرزا غازي بيگ خسرو خان کي ٺٽي ۾ ڇڏي، پاڻ ٻين ماڻهن سان گڏجي روانو ٿيو. بيگلارنامي وارو پڻ ان جي تائيد ڪري ٿو (٣). هو لکي ٿو ته: مرزا غازي بيگ پنهنجن اميرن سان گڏ ٺٽي مان روانو ٿيو. جڏهن "ڪجرن" جي ڪوٽ وٽ پهتو ته خان زمان ۽ خسرو خان کي سنڌ ۾ مقرر ڪري موڪل ڏنائين ۽ پاڻ شوال ١٠١٣هه ڌاري بکر ۾ اچي سعيد خان سان ملاقات ڪيائين.

● جعفر عليءَ جي نوڪرن مان (ص...)، يعني جعفر عليءَ جو ڪتو. مير علي شير قانع جي عبارت هن ريت آهي: چون ٿا ته جعفر عليءَ جي ڪتي سانس عجيب قسم جي وفا ڏيکاري.

---

(١) بيگلار نالو ص ٢٠٧.

(٢) ذخيرة الخوانين ج ١ ص ١٩٠.

(٢) بيگلار نامو ص ٢١.

خسرو خان چرڪس جي پُٽ باغي (لطف الله) پائيخان، مرزا غازي بيگ جي لاڏائي کان پوءِ، هن جي گاديءَ تي ويهڻ جي نيت ڪري جنگ لاءِ تيار ٿيو، جنهن ڪري ماڻهن مٿس تهمت مڙهي، ته هن ئي نمڪ حرامي ڪري پنهنجي حاڪم کي زهر ڏئي ماري ڇڏيو.

والله اعلم بالصواب

ڪابلي (سردار خان) شامل هئا، مرزا غازي بيگ سان گڏجي، شاهه بيگ جي مدد لاءِ ڏياري موڪليائين. اتفاق سان شاهه عباس (ايران جي بادشاهه) ڪي انهن سرحدي اميرن جي قنڌار تي چڙهائي ۽ قلعي کي گهيري ۾ آڻڻ جو اطلاع مليو، جنهن هڪدم خط اماڻي، انهن کي اتان واپس ڪرائي ڇڏيو. اهڙيءَ ريت مرزا غازي بيگ جي قنڌار پهچڻ کان اڳ، مخالف ميدان خالي ڪري چڪا هئا.

● مرزا غازي بيگ جو موت، هن بابت هيءَ ڳالهه به مشهور آهي، ته پاڻ گهڻي شراب پيئڻ ڪري فوت ٿيو هو. اقبالنامي وارو لکي ٿو: مرزا غازي بيگ ولد مرزا جاني بيگ جي تقدير دنيا ۾ چڱي چمڪي، ايتري تائين جو هڪ ئي وقت ٺٽي ۽ قنڌار جو حاڪم ٿيو، جيستائين جيئرو رهيو، هرڪنهن آئي وئي سان سٺو سلوڪ ڪيائين. نيڪناميءَ ۾ سندس وڏي شهرت هئي، هڪ نيڪ نهاد شخص ۾ جيڪي خوبيون هئڻ کپن، سي منجهس هيون، اهل سخن ۽ طبيعت دار ماڻهن سان صحبتون رهيون. پاڻ به موزون طبع جو مالڪ ۽ معياري شاعر هو. ”وقاري“ تخلص هئس، پر شراب جو حد کان وڌيڪ شوقين هو. آخرڪار سندس موت به انهيءَ شوق (ڪثرت شراب نوشي) ۾ واقع ٿيو (١).

● آقا ملا، آصف خان ثالث (مرزا اقوام الدين جعفر بيگ متوفي ١٠٢١هه، جو ڏاڏو، جنهن جي حويليءَ ۾ نسيانيءَ پنهنجي مربي شاهه محمد بيگ عادل خان جي خدمت ۾ تاريخ طاهريءَ جو پهريون ڀاڱو پيش ڪيو (٢). شاهه بيگ خان دوران جو پيو پٽ يعقوب بيگ مرزا جعفر آصف خان جو ڃاٽو هو (٣)، انهيءَ رشتي جي ڪري شاهه بيگ جي هن خاندان سان اچ وڃ هئي.

---

(١) اقبالنامه جهانگيري ص ٣٤٦.
(٢) مرزا غازي بيگ اوراڪي بزم ادب ص ٥٨٥.
(٣) ماثرالامراء ج ٢- ص ٦٤٥.

اکثر مردم اوباش و ارزال و اجلاف به محرميت و قرب او اختصاص يافتند و مردم مغول و ارغون و ترخان و سائر ايماق از ملازمت او محروم گرديده به منازل خود مي بودند ـ و کار مردم اوباش روز بروز در ترقي بود ـ ازين معز مردم ارغون و ترخان مدتي حيرت زده در تهتم مغموم مي بودند. ترخان نامه، ص ٣٦ ـ ٣٧.

غلامانه ذهن جا تصورات هميشه انهيءَ قسم جا ٿيندا آهن. پاهرين کي بالاتر، مقامين کي نااهل، ارزال ۽ بيکار سمجهيو ويندو آهي. عهدا ۽ اميريون پاهرين ماڻهن جو حق سمجهيا ويندا آهن ۽ ملڪي ماڻهن لاءِ غلاميءَ جي خواري، خجالت ۾ رهڻ مناسب خيال ڪيو ويندو آهي. بهرحال شاهه حسن ارغون پنهنجي قبيلي خواهه ترخانن ۽ مغلن جي مقابلي ۾، جڏهن ٺٽي جي ارباٻيءَ جو سوال آيو، ته هن هڪ مقامي ماڻهوءَ عربي ڳاهي کي، منتخب ڪيو ۽ حڪومت جي پيءَ ڪاروبار هلائڻ لاءِ، اسماعيل پهاري کي مقرر ڪري، پاڻ پنهنجي علاج معالجي پويان وقت صرف ڪرڻ لڳو.

عربي ڳاهي کي مرزا نه فقط ٺٽي جي نيابت ڏني، بلڪ کيس پنهنجو جانشين مقرر ڪري، تغلق آباد ۾ رهي ڪم هلائڻ لاءِ حڪم ڪيائين. چنانچه قتل ٿيڻ (٧- محرم ٩٦١هه) تائين عربي ڳاهو تغلق آباد ۾ رهي، شاهه حسن جي نيابت ۾ ڪاروبار هلائيندو رهيو (١).

اهڙيءَ ريت تاريخ طاهري به عربي ڳاهي جي ڳالهه ڪئي آهي، پر سيدي علي رئيس (متوفي ٩٨٠) جيڪو مرزا شاهه حسن جي پڇاڙيءَ واري دؤر ۾ هتي آيو هو، تنهن عربي ڳاهي کي لائق امير لکيو آهي. ڏسو مضمون ڏهين صدي هجريءَ جي سنڌ ـ پير حسام الدين راشدي، سماهي مهراڻ ١ ـ ١٩٧١ع.

---

(١) مکلي نامه ص ٦٨٠ ـ ٦٨١.

● مرزا عيسيٰ ترخان اول (٩٦٢-٩٧٣هه) ولد مرزا عبدالعلي ترخان، جيڪو سلطان محمود (٨٦٤-٩٠٠هه) ولد ابو سعيد ميران شاهيءَ (٨٥٥-٨٧٣هه) جي زماني ۾ بخارا جو حاڪم هو، ۽ شيباني خان (٩١٣هه) سان جنگ ڪندي، پنجن پٽن سان گڏ قتل ٿي ويو. مرزا عيسيٰ تڏهن صغير هو، ان ڪري امير ذوالنون ارغون (مرزا شاهه بيگ ارغون جي پيءُ) سندس پرورش ڪئي. ارغون جڏهن هن سنڌ ۾ آيا، ته هيءُ به انهن سان گڏجي آيو. مرزا شاهه حسن جي وفات کان پوءِ سندس گاديءَ تي ويٺو ۽ چوڏهن سال سنڌ تي حڪومت ڪيائين. ترخان نامي جو مؤلف هن جي تعريف ڪندي لکي ٿو: نهايت خوش اخلاق ۽ انصاف پسند هو، عالمن ۽ ولين جي وڏي عزت ٿي ڪيائين، رعايا توڙي سپاهه سڀ کي راضي رکندو آيو.

ظاهريءَ جي بيان بموجب ارغون اميرن هن سان توڙ تائين ڪونه رهايو ۽ سدائين مرزا شاهه حسن جي ملڪيت تي ساڻس جهڳڙندا رهيا. هن به جوابي طور انهن سان چڱي تعدي ڪئي. سندن رقابت ۾ ڏارين ماڻهن کي پاڻ وٽ نوڪريءَ ۾ رکي خوب عيش ڪرايائين، جن مان هڪڙي شخص جو واقعو هتي پيش ڪجي ٿو:

مجمع الشعراء جهانگير شاهيءَ جو مؤلف ملا قاطعي لکي ٿو ته: هڪ دفعي آءٌ قاضي زادي ڪاشانيءَ سان گڏجي ٺٽي ويس. مرزا عيسيٰ ترخان قاضي زادي جي اچڻ جي خبر ٻڌي، کيس ديوان جو عهدو آڇيو، جيڪو هن قبول ڪيو. قاضي زادو ڪاشاني استرآباد جي سيدن مان هو. هن ملازمت ڪان پوءِ ٺٽي ۾ جيڪي ٺٺ ڪيا، اهي شايد ترخاني اميرن کي به نصيب نه هوندا.

هن پنهنجي حويليءَ ۾ هڪ شاندار حمام تيار ڪرايو، جنهن جي ٻاهران باغيچو هو، ان جي وچ ۾ ڦوهاريدار حوض ۽ حوض جي چوڌاري رنگ برنگي گلن جا ٻوٽا رکيل هئا،

شهر ۽ بندر هو، جنهن جي شاهدي مشهور سياح ابن بطوطه وٽان به ملي ٿي:

هي (لاهري بندر) سمنڊ جي ڪناري تي نهايت خوبصورت شهر آهي، هتي سنڌو ندي سمنڊ ۾ چوڙ ڪري ٿي. هي شهر هڪ وڏو بندرگاهه پڻ آهي. هتي يمن، فارس (عرب ايران) جا تجارتي جهاز ۽ واپاري گهڻي تعداد ۾ اچن وڃن ٿا، انڪري هي شاندار شهر ۽ مالدار بندر آهي. هن جي ساليانو آمدني سٺ لک دينار آهي.

ابن بطوطه متوفي ٧٧٩هه-١٣٧٧ع.

نوٽ: ملا قاطعي هروي، همايون، اڪبر ۽ جهانگير جو همعصر هو. هن پنهنجي دور جي ڏيڍ سؤ اديبن شاعرن جو تذڪرو قلمبند ڪيو هو، جو اڃا تائين قلمي صورت ۾ بودلين لائبريري آڪسفورڊ جي ذخيره مخطوطات اوزلي ۾ محفوظ آهي.

● سيد علي ثاني (ص). متوفي (٩٨١هه) (١٥٢٢ع) ولد سيد جلال اول پنهنجي خاندان ۾ سيد مراد شيرازيءَ کان پوءِ سڀ کان وڏيڪ خير برڪت ۽ رشد هدايت وارو هو. سنڌ جا ڪيئي مشائخ هن وٽان تربيت جو فيض حاصل ڪري ساني جا يگانا ٿي ويا. انهن مان هڪ بزرگ شاهه ڪريم بلڙيءَ وارو به هو.

سيد علي ثاني سنڌيءَ ۾ وڏي رتبي وارو شاعر هو. سندس هي بيت اڃا تائين ڪيترن تذڪرن ۾ ياد ڪيو وڃي ٿو:

سرتين سانگ سڪن، جو مون کي رويو رهائين
آءٌ ٿي هلان هوت ڏي، هو ٿيون واريون وهارين
وريتيون ورن سين، ويٺيون گهر گهارين
ڪٺهندا ٿيون ڪارين، ڪانهه هلندي هوت ڏي.

سنڌي ادب جي تاريخ ۾ هن ڏوهيڙي جي وڏي اهميت آهي. درس علاءالدين ۽ سيد علي ثانيءَ جي دور ۾ سنڌي

وٺي ويو، جيڪو پنهنجي دور جو اعلم العلماء ۽ اڪمل الاولياء هو. خان خانان عاجزي ۽ عقيدت سان پنهنجو منهن مخدوم جي پيرن تي رکي ڪا گهڙي پيو رهيو. مخدوم عثمان هن جي عاجزي ۽ عقيدت ڏسي مٿس راضي ٿيو. ان رات خان خانان کي هي واقعو ڏيکاريائين، ته رسول ڪريم پنهنجي مسند تي تشريف فرما آهي ۽ هزارين ماڻهو سندس حضور ۾ بيٺا آهن. سنڌ جا بزرگ ان وقت جيئرا هئا، جن عرش کان فرش تائين نظارا پئي ڪيا، جهڙوڪ: مخدوم نوح هالائي، ميان ونهيون ۽ شيخ پرڪيو ڪاتيار مرزا جاني بيگ کي آڻي رسول جي دربار ۾ پيش ڪيو ۽ سندس عرضدار ٿيا، ته اي نبي سڳورا! سنڌ وارا مرزا جاني بيگ جي وجود ۽ جود (سخاوت) سان قائم آهن. هن مهل خان خانان اتي چڙهائي ڪئي آهي، اوهان هن مرد (مرزا جاني بيگ) جي مدد ڪريو. ته جيئن خان خانان مغلوب ٿي واپس هليو وڃي.

مخدوم عثمان جيڪو پڻ اتي موجود هو، تنهن خان خانان جو هٿ وٺي ڪيس رسول جي اڳيان آڻي التجا ڪئي ته: اي پيارا نبي! هي شخص به سچي اعتقاد سان منهنجي مسجد ۾ اچي مون کي آزيون نيزاريون ڪري چڪو آهي. اوهان منهنجي اڇي ڏاڙهيءَ کي ڏسي، هن ڏانهن توجهه فرمايو، ته جيئن هيءُ (خان خانان) مرزا جاني بيگ تي سوڀارو ٿئي.

رسول ڪريم پنهي پاسين نگاهون ڦيرائي فرمايو: ٺٽي تي مرزا جاني بيگ جي حڪومت بحال رهي، پر هو خان خانان سان جنگ نه ڪري، ڇو ته ڪيس شڪست ايندي. هيءُ پاڻ خان خانان سان گڏجي اڪبر بادشاهه جي خدمت ۾ وڃي ۽ ٺٽو ان جي حوالي ڪري ڇڏي.

مخدوم نوح، ميان ونهيون ۽ شيخ پرڪيو ڪاتيار ساڳيءَ رات جي پوئين پهر ۾ دانهون ڪندا مرزا جاني بيگ وٽ آيا ۽ ڪيس انهيءَ واقعي کان آگاهه ڪيائون، ته هاڻ اسان جي

تاريخ معصومي وارو لکي ٿو ته: جنهن وقت خان خانان، مرزا جاني بيگ کي صلح کان پوءِ گڏيو، ته مرزا جاني بيگ کي نوڪ هڻندي چيائين: ڏٺئي! سون ڪهڙي حيلي (فريب) سان توکي زير ڪيو؟ مرزا جاني بيگ هڪدم جواب ڏنو: شڪر آهي جو اهو حيلو (فريب) به اوهان ئي ڪيو، جنهن لاءِ پاڻ اقرار پيا ڪريو. اهو ٻڌي خان خانان ايڏو شرمسار ٿيو، جو ساٿين کي چوندو هو، ته سون سڄي چمار اهڙي ٺيڪائي کانه ڏٺي.

مرزا جاني بيگ سخن شناس ۽ شاعر به هو، سندس دربار ۾ ڪيئي اديب، شاعر موجود هوندا هئا. هي شعر سندس آهن:

تخم ديگر بہ کف آريم و بکاريم زنو،
آنچہ کيشتيم ز خجلات نتوان کرد درو.

—

عشق خواهم کہ از خودي پاکہ کند
آبي مژهٔ اي کہ دهد نمناکہ کند
پاي کہ بيابان عمل را سپرد
دستي کہ گريبان هوس چاکہ کند

*تانسين جي باري ۾ چيو وڃي ٿو ته: هن جو اصل نالو ترلوچن داس هو ۽ پاڻ گور برهمڻ گهراڻي سان تعلق ٿي رکيائين. هن ٩٣١ هه يا ٩٣٨ هه ڌاري گواليار جي هڪ ڳوٺ ۾ جنم ورتو. مشهور استادن وٽان فن جي تربيت وٺي، وڏي ڪمال تي پهتو. شروعات ۾ باندهو (ريوان) جي واليءَ راجا رامچندر وٽ هو، پوءِ راجا بيربل ۽ زين خان جي تحرڪ تي، اڪبر بادشاهه ٩٧٠ هه ۾ هن کي پنهنجي دربار ۾ گهرائي ورتو. جتي هن موسيقيءَ ۾ وڏا ڪارناما انجام ڏنا. آخر ٩٩٨ هه مطابق ١٥٨٩ع هي جهان ڇڏي ويو. جيئن ته سندس عقيدت شيخ محمد غوث

گواليارِي متوفي (۹۷۰ هه) سان هئي، ان ڪري مرڻ کان پوءِ کيس ان جي مزار جي پيراندي ۾ دفن ڪيو ويو (۱).

● مرزا جاني بيگ سنڌ ۾ پورو هڪ سال وڏي دليري سان جنگ جوڙيندو آيو. مرزا جاني بيگ اڪبر جي ڪارندي صادق محمد خان کي شڪست ڏيڻ کان پوءِ ان جي گماشتي خان خانان سان پورو هڪ سال دل ٻڌي جيڪا جنگ جوڙي، تنهن بابت خود خان خانان اعتراف ڪندي، مرزا جاني بيگ کي لکيو ته: خدا جي فضل سان ٻنهي لشڪرن جوانمردي ۽ بهادري ۾ جا جيڪي جوهر ڏيکاريا، تنهن مان هرڪو واقف ٿي ويو، ته واقعي ٻنهي پاسن کان ڪابه ڪوتاهي نه ٿي. اهو تون ئي هئين جنهن ايڏي عرصي تائين شاهي فوج جو پرپور مقابلو ڪيو، اها تنهنجي ئي همت هئي. بيشڪ تنهنجي بهادري ۽ مردانگي ۾ جو داد ڏئي نٿو سگهجي. تحفةالڪرام اردو ص ۲۴۴.

مير معصوم لکي ٿو ته مرزا جاني بيگ تنگ ٿي پاڻ ئي خان خانان کي صلح جي درخواست ڪئي هئي. مير معصوم اڪبري دربار جو مؤرخ آهي ۽ جنگ جو عيني شاهد به هو، ليڪن ان باري ۾ تاريخ طاهري ۽ تحفةالڪرام جي بيان کي ترجيح ڏيڻي پوي ٿي، ڇو ته مير معصوم پاڻ اڪبري اميرن مان هو، جنهن مان اهو امڪان ٿو پيدا ٿئي، ته هن خان خانان ۽ شاهي لشڪر جي حمايت ۾ ئي اهڙي قسم جو بيان پنهنجي تاريخ ۾ درج ڪيو آهي. ٻيءَ صورت ۾ مرزا جاني بيگ جي صدق ڀري عزم کي ڏسندي اها ڳالهه قبول ڪري نٿي سگهجي، ته برابر هن پهرين صلح جي ڪا درخواست ڪئي هوندي (۱).

---

(۱) تحفة الڪرام فارسي ص ۳۱۱. سنڌي ادبي بورڊ.

